پر نه غفلت جي ڪڏهن پنهنجن اکين ۾ آڻ ننڊ

٥- جو ”قُمِ اللَّيْلَ“ آهه فرمايو سچي قرآن پاڪ
سو پڙهي هرگز نه ساري رات سمهڻ ننڊ

٦- جن ”مسافر“ من تصوُّر حقَّ سان مضبوط ڪيو
تن جي راحت روح ۾ آئي نه ڪا ڪالهجان ننڊ

## رديف - ي

### (٦٩) مٺي

١- عِدا سچائيءَ جو قدرتي نظارو مٺي
هنر جو ڪولي هنر مند ڏٺو سارو مٺي

٢- ڏسي جو صنعت صانع کي تو سچائي ڪهن
اکين آڏهيءَ جو سنڌو چٻو ٿيو اندازو مٺي

٣- پنان محبت من جون اکيون نه مور ڪلن
سچن ۾ جو صداقت بني سهارو مٺي

٤- پڙهي تون 'اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ' سان 'يُسْرا' ڏس
سکن ملي جو ادا ٿيو ڏکن جو وارو مٺي

٥- ”مسافر“ آهه پنهان رات روز ٿيٺون ليٺ
پڇاڙي پختي پنهنجي چاڻ سيپ آڏارو مٺي

## رديف - ذ

### ڇا لذيذ آهي؟

١- سڀ محبت کان وڏيڪ عادت نہ ٿي ڪا ہي لذيذ
آن ۾ آلسي عـُدوَن ڪـي بنائي سـا لذيذ
٢- اِن اُوچـيءَ عادت جـو ساروٽي تحمّل تـي مدار
بارگيـري مـرد ڪامـل لاءِ ٿـي آعلي لذيـذ
٣- کهڙي ڪم ڀي شئي اها ڄا واٽ لئي سگهٽي لذت
روح کي راحت ڏئي سا مڃجھہ شيءِ بلا لذيذ
٤- ياد ڪهري يـار جـي راحـت رسـائـي روح کـي
اِن ڪري ٿي ذڪر حق عـاشق حقيقيءَ لاءِ لذيذ
٥- تحفہءِ تهليل جو مرشد "مسافر" کي ڏنو
سو ٿي ان جي قلب لئـي هر وقت ۾ هر جا لذيذ

## رديف - ر

### (٧١) سڄڻ جو وصل

١- سڄڻ جو وصل کان يارو نہ جڳ ۾ ڪابہ شيءِ بهتر
ڏجن جاگير پڻ ڏهہ ڏهہ نہ ڇڏجي وصل وارو گهر
٢- ڏِين ٿـا وصل جـا وارا ڇڏهن مـون محـب سوچارا
سڪـنـدر آهي، آهي دارا وڏو خــاقـان آهي قيصـر
٣- خدا جو قسم اي يارو، ملي مون محب سوچارو
"لِقائِي فا نْظُرُوا" وارو، نہ طلبيان حُور ۽ ڪوثر
٤- بدائع لول کهڙو سـو سندم جانب ۾ نامـي جـو
ولس سامان سڀ مرسو بهشتئون چئو نہ ڪئن بهتر؟
٥- "مسافر" سـر سبحاني ڙريـو ۾ آهہ پنهاني
مون جانب سنـدم جانـي پيو ظاهر ٿئـي ذر ذر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## (٧٣) هاڻ حجاب نہ ڪر

١- ڳالهہ سنده پري مدا هاڻ نہ ڪو حجاب ڪر
وڙ ڪري وري سدا هاڻ نہ ڪو حجاب ڪر
٢- قرب منجهان قدم پري آيو غريب تو ڳري
بسط ہے دل پري مدا هاڻ نہ ڪو حجاب ڪر
٣- تنهنجي وڇوڙي اي صنم ڏاڍا ڏنا اندر الم
ڏس نہ ويس ڳري مدا هاڻ نہ ڪو حجاب ڪر
٤- ٿيا فراق حال ڪيا سڪندي يار سال ٿيا
آءُ تہ وس سري مدا هاڻ نہ ڪو حجاب ڪر
٥- شال جئين تون جان ِمن دلبر داستان ِمن
دل نہ ڀڃہ چري مدا هاڻ نہ ڪو حجاب ڪر
٦- فڪر نہ ڪر ”صديق“ تون هاڻ نہ رو رفيق تون
نيٺ نہ سون سري مدا هاڻ نہ ڪو حجاب ڪر

## (٧٤) عشق جو گهر

١- نيٺ پنڌو ڪري نسٽ ٿي نزار
عشق جو گهر ٿيو هڏيو بيمار
٢- عشق ٿيو شينهن عقل ٿيو لوڙ
هو هتان ڀڄو هي هتان ٿيو فرار
٣- عشق آهي گليل جو گوڙهو
هوش جهڙو آهي فاخته پردار
٤- آه حال گليل جي تقدير
ٿئي ٿي تدبير سان گليل شڪار
٥- ڪونہ ٿيو عاشقن جو ڏوهہ ادا
آه تقدير جو سڀئي ڪمڪار
٦- ڪو ”مسافر“ ڳهري وٺي ڪئن سوز
جي نہ تقدير ڪئن ڪري لاچار

٨- جي ڪرڻ ڪا قوم جي خدمت تو چاهين نيڪ دل!
قلب بان ڪينو ڪڍي سو قرب سان پرپور ڪر

٩- هيچ سارو ڀاڱ رک مشغول قومي ڪار ۾
ڪو ڏسي دا نه ڏسي ڪم قوم جو معمور ڪر

١٠- قوم جي خدمت جا رستا ڪيترائي ٿيا پڌر
حال آهر تون به هٿ همت سان ڪو دستور ڪر

١١- بت "مسافر" سن ڏري توفيق پن الله کان
قوم ڪارڻ ڪوه سالڪو نه سر جو مور ڪر

## (٧٦) شاعر کي صلاح

١- قوم ڄي اي شاعرِ شيرين زبان هوشيار ڪر
فرض پنهنجي قوم جو ليڪيءَ پرپو ترار ڪر

٢- وقت ڏس حالت به ڏس چوڌير ڏس ڪهڙي فضا
ڪيم ڪٿ ڪوڙا قصا ڪا ڳن پري گفتار ڪر

٣- خال، خط، زلفن جي سارا ۾ جو ناهي وقت هي
ذوق وصل ۽ درد فرقت کي نه اڄ اظهار ڪر

٤- ڇا هئاسون؟ ڇا ٿياسون؟ سو نه اڄ ڀائي ولوڙ
ڇا ڪجي هن حال ۾؟ سو غور ڪر ويچار ڪر

٥- ڏڪر ۽ ويچار سگهي سان به ڪجهه، سرڻون نه آهه
اڄ عمل جي وقت ۾ واڻئون نه خالي وار ڪر

٦- آهه ڪنهن فرق پرستيءَ سان ڪهڙو پنهنجو ڪم؟
صدق دل سان ڏوئي ورقِ دل ڏئي کي دور ڪر

٧- درد دل ۾ قوم جو رک باخبر ٿي باغبان
خار رازِ قوم کي اڄ غيرت ـ گلزار ڪر

٨- سک ڦٽائي پنهنجو هيڪر سک سچو حاصل تون ڪر
درد جون دانهون ڪري ڪي قوم کي بيدار ڪر

٩- قوم جنهن ۾ نام ايڪو تنهن تي صد افسوس آهه
ان کي ڪثرت ڪهڙي ڪم جي؟ تون ڪٿي اظهار ڪر

١٠- ڪم شريفن جو ڏسين جت قوم ۾ آهي نفاق
اُت جهلي ايمان تن جي آڻ کان انڪار ڪر

١١- هڪ خدا، هڪڙو نبي، ڪلمو ۾ هڪ ڪعبو ۾ هڪ
تون اخوت کي فقط دل پنهنجي جو سينگار ڪر

١٢- چا نمازون، حج، روزا، چا وري فطرو نماز
سڀ سبق ايڪي سندا سي سان هنئين هموار ڪر

١٣- ڪٿي مسلماني جي دعوا ٿي سچي ايڪي سوا؟
پنهنجي دل جو "ڪلُ مؤمنِ اخوة" آڌار ڪر

١٢- سڀ ملي ڏسي "مسافر" پاڻ ۾ ڪن اتفاق
اهڙي آزي در ڏٺيءَ جي روئي زار و زار ڪر

## رديف - ڙ

### (٧٧) ڏکن جي پڙ

١- ياڳ موجب يوگيان پيو ڏکن جي بوج پڙ
اِئن گذيس گوندر ۾ جئن گازر ڪري ڪپڙي کي ڪهڙ

٢- روز و شب روڄگا ڪريان افسوس ۽ ارمان ۾
آن جيان جئن ڪو وڃائي خوب ڪارستان لڙ

٣- هوت سان هرهنڌ گذارڻ ۾ ادا بي حد مزو
۾ وڇوڙو تو ڪري سڀ عيش ۽ عشرت اُجڙ

٤- پور پرين جا پون ۽ سور جي جاڳڻ ستي
سي وساريو ٿا ڏين پاپند اديون توڙي اُمڙ

٥- ميل قادر ڪارسازا جلد جانب سان وري
ڪر "مسافر" سان مولا سائين واحد پنهنجو وڙ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## (٧٨) دل نه لوڙ

١- اي نماڻائي سندا پتلا ذرو ٻي دل نه لوڙ
درد دل کي ٻرکي تو داتا ذرو ٻي دل نه لوڙ

٢- پنهنجي قدرت جي هٿن سان جنهن بنايو تو کي آهه
ان جي رحمت جي نظر هرجا ذرو ٻي دل نه لوڙ

٣- ”مَعَ عسر يُسرا“ جو سبق آهي سچو حق جو ڪلام
آهه سکه سائينءَ کي ٿي سيڪا ذرو ٻي دل نه لوڙ

٤- رات آونده بعد روشن روز ٿئي، ڪر دل وڏي
غم جي اونده جي نه ڪا پرواه ذرو ٻي دل نه لوڙ

٥- آهه سيڪنهن رڻ جي حد ولندڙ وسينءَ ڏس جا بجا
پوءِ ”مسافر“ کهڙي گهٽي ڪا ذرو ٻي دل نه لوڙ

# رديف - ز

## (٧٩) بي نياز اڳيان نياز

١- بادشاها بي نياز! تنهنجي در هر دم نياز
پنهنجي ستاريءَ جي صدقي پردو رک بنده نواز

٢- غم سندي درياهه ۾ فڪرن جي لهرن لوڏيو
پار پهچائين سلامت رحم سان جهونو جهاز

٣- هاءِ! نيو حرص وهوا جي رڻ ۾ رهتو مون ڪان ڪم
حال محرم هادبا ڏس راهه پنهنجي جو نون راز

٤- چا پڙاپان؟ ۽ چا پساپان؟ ناهه ڪو مون وٽ متاع
ناهه ڪا طاقت تواني ناهه ڪا نمري نماز

٥- هيو محبت سان ”مسافر“ راهه تنهنجي ۾ رهي
ساڻ تنهن سڪ جو ثمر ڏي ڪر نوازش ڪارساز

# رديف - س

## (٨٠) يار ڏس

١- تو ڪيئن ڪيا اقرار ها سوچي پيارا يارا ڏس
وعدا ڪيا اهڙا تنهن جا سوچي پيارا يارا ڏس
٢- هروقت منهنجي حال تي هئا لطف تنهنجا بيشمار
سي ياد سڀ مونکي سدا سوچي پيارا يارا ڏس
٣- ڪيئن ڳالهيون ڪوڙهيون ڪيون ياڻ پاڻ ۾ وئهي هيون
سي سڀ رمز پرچڻ مزا سوچي پيارا يارا ڏس
٤- ڪيئن پرت پنهنجي کي ڏسيو حاسد هئا ورندا ڇهيو
ڇا هئا ۽ ڇوندا اقربا سوچي پيارا يارا ڏس
٥- منهنجون تون ڪيتاخيون ڏسي چستيءَ سان ڇولدو هئين ڪسي
”تي ائن ڪري منهنجي بلا“ سوچي پيارا يارا ڏس
٦- پڻ تي ڇيو تو قرب سان ڪنهن وقت بنجي قدردان
”آ اي ”مسافر“ با وفا!“ سوچي پيارا يارا ڏس

# رديف - ش

## (٨١) هوش سنڀال

- حال دنيا جو ڏسي هل تون سنڀالي پنهنجو ۽ هوش
ڪهڙن ڪميني جي ڪنن ڳنتن کي ڏڄ تون ڪيم ڪوش
٢- ائين ڪري سيڪو تو جيئن چالي تو لائق پنهنجو آو
تون صداقت ۾ اچيءَ دل تان ۽ هرگز لاهه هوش

٣- هيءَ سچي انسانيت جي تون نشاني دل ۾ ڏيج
نيش جو تو ڪي ملي، هيڪر چکائج تنهکي نوش

٤- چاڪرين خدمت پلائي تنهن تي مرڪج ڪيم مور
بار ايري جي گلن لئي رک ۾ آماده تون دوش

٥- دل ۾ ويٺي يا سٽي، هلندي خدا جو رک خيال
پوءِ "مسافر" سڀ نه ڪنهن دشمن جي هرگز "هوش! هوش!"

# رديف - ص

## (٨٤) اخلاص

١- روح جي راحت جو آهه وسيلو اخلاص
گهر خدا کان تون سچي دل سان سدا پيو اخلاص

٢- تون خداوند سندي پاڪ صفت جزُ جيءَ سان
چاڪ منجهه سورة، جنهن نام سڳورو اخلاص

٣- دل جي آونده ۾ حسد کان تون پنهنجي پڻ رب کان
ماري خناس جي وسواس کي پڻ تو اخلاص

٤- پڙهه تون "اياڪ" "هليان" "احد" دلئون سربستو
منجهئو مور نه پوءِ چالُ ته پنهنجو اخلاص

٥- راهه حق ۾ ٿي "مسافر" تو ڪرين چو وسواس
جوڪ اُستاد ڏنو ڪافي اٿئي سو اخلاص

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# رديف - ض

## (٨٣) فيض

١- جي ڏنو فياض حق توکي ڪو اي انسان! فيض
تان نہ هرگز بخل ڪر رک تون کليو آيوان - فيض

٢- علم جو جي فيض بخشيو آهہ توکي رب پاڪ
تان تون خاص ۽ عام کي بخشيندو رهہ هرآن فيض

٣- مال مايا جو ڏنو جي فيض توکي ذوالجلال
ڪر يتيمن، بيڪسن، آيرن تي بي پايان فيض

٤- فيض روحاني جنهن مردن کي هادي ڪيو عطا
تن نوازيا ڪئين انڌيا ڏيئي سان قلب ۽ جان فيض

٥- من "مسافر" جي کي وسري ڪئن اهو فيض مرد
نار سان تهليل جي جنهن من کي ڪيو مستان فيض

# رديف - ط

## (٨٤) يار جو خط

١- مليو سون کي اڄ محب منثار جو خط
دلاسن پريو دوست دلدار جو خط

٢- جهي سو نہ چشمن رکان دمبدم تو
هنئين سان لڳايان هنئين هار جو خط

٣- جي ڪن درد فرقت جا سورن سنيهرون
ڪر دفع دم ۾ سچي يار جو خط

٤- برابر سچو بول بوليو سيانن
"ملاقات اڌ آهہ سچ يار جو خط"

٥- ملي من "مسافر" جي آهليل کي ٽولي
عجب سو ڪوئي سوڻهن سردار جو خط

# رديف - ظ

## (٨٥) خدا حافظ

١- سائين سهڻا اسان جا سڄڻ خداحافظ
هجيو دائم هـرجـا، سڄڻ خداحافظ
٢- ٻرين پيارئل ٻر ڏيهه تا وڃو هاڻي
ورڻ جي جلد ڪجو ڪا سڄڻ خداحافظ
٣- هتي سان آنهنجي هتي عيش سڀ هئاموجود
وڃڻ ڪان تنهنجي مي ڏک تيا سڄڻ خداحافظ
٤- هجيو ٻير جتي خير آت ڪري هل رب
دعا اندر جي ٿي ابها سڄڻ خداحافظ
٥- اسين اکين سان ڪندا سون بجا سڪائون سڀ
ڪهمي توڻ خير سان هت آ سڄڻ خداحافظ
٦- خدا ڪري ته ورين خير سان "مسافر" يار
اميئي دل ڪري سڏڙا، سڄڻ خداحافظ.

# رديف - ع

## (٨٦) الوداع

١- هـــي جدائي وبل آئي يار جاني الوداع
وات اڄ فرقت جي وائي يار جاني الوداع
٢- موڏاجاتوسان محبت ڪا ونڊي آهي نه ور
۽ نه ڪير خدمت ادائي يار جاني الوداع

٣- دل لڳي دلبر اجا هاڻي تہ فرقت آئي پيش
هاءِ قسمت جي ڪمائي يار جاني الوداع
٤- دل سنديم گھايو وڃين ٿو اي مٺا سنڌار يار
سوز ڪئي سون سان صفائي يار جاني الوداع
٥- رات ڪا رهہ اي مٺا سنڌار آءٌ تاريان هنيون
تقويت ٿئي دل کي ڪائي يار جاني الوداع
٦- من نگي ماندو "مسافر" ڪين ٿئي سونڪان جھليو
عشق اڄ آتش مچائي يار جاني الوداع

## (٨٧) الوداع

١- ڪر نہ گھٽتي سور ڪائي يار جاني الوداع
صبر دل ہر رک سان مچائي يار جاني الوداع
٢- تو کيا لائق هزارين مهربانيون پيو ڪهتيون
هاڻ ڏي رخصت رضائي يار جاني الوداع
٣- ڪينڪي ڪنهن قول هي تورا وساريندس سنده
ڳائيندو وتندس پلائي يار جاني الوداع
٤- من وڇوڙي جو مٺا آهيم دل ہر ڏيو سور
ہر مڙني ڪم تيا قضائي يار جاني الوداع
٥- رات پليان ڏينهن جيئن، تيئن هجر جي پليان وصال
ڏک پليان سک آهہ جائي يار جاني الوداع
٦- دوست ڪج دل سان دعائون حق "مسافر" جي مٺا!
سي ڪندو سائين سٺائي يار جاني الوداع

## رديف - غ

## (٨٨) صبح جو سير - باغ

١- اڄ سويرو صبح جو مون ڪيو اچي ديدار - باغ
باغ باغ آهي بني دل سنهنجي جيئن گلزار - باغ

٢- قدرت - حق هير سان خوشبوءِ ڪيئي باغ ۾
قرب قدرت جي بنايو پاڻ سر بازار - باغ

٣- گل جي رنگا رنگ مشڪن ۾ هئا مشغول ٿيا
حسن - قدرت جي بنايو تنهن ڪيو هو سالار - باغ

٤- بلبلن جي مڪ پربل چون چون ڇري ڪئي منهنجي دل
رات جي گذري ڏکي تن جي بنان ديدار - باغ

٥- سبز بوٽن ۽ ٻنن لاتي جهمر جا ات گهوڙي
ذڪر ، حق جي جهول ڏياري ياد تنهن جنسار-باغ

٦- جو "مسافر" بون ڏٺو چالاڪ وڪي ۾ هو ڇهڇٽو
تنهن ڪان وڌ صد بار دل ڪي مي ولها آثار- باغ

# رديف - ف

## (٨٩) حيف بي وفا ڪي

١- بي وفا انسان ڪي صد حيف حيف
جو جفا ڏئي جان ڪي صد حيف حيف

٢- بيوفا تي ڪوڻ شايد ڪنهن پڇيو
بيوفائي شان ڪي صد حيف حيف

٣- ٿي وفاداري سچي انسانيت
بي وفا جي شان ڪي صد حيف حيف

٤- بي وفائي ظلم بدتر ٿا چون
دشمن - انسان ڪي صد حيف حيف

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# رديف - ق

## عشق (٩٠)

١- رنگ منهنجي ڪان ٿئي رسوا سدا بيمار عشق
عشق کي ٻارو اڪاڻي ڪٿي سگهي انڪار عشق
٢- پيا ڪڙن ڪهوڙها ڪهان ڏاڻ جي جهليا جهاڄن نه سور
ان طرح اڪين سان ظاهر آهه ڪاروبار عشق
٣- ڇا ڪجي هن عشق کي جنهن سان نه هلئو سور زور
پئي نه ڪل ڪافر جي سر ۾ سايهء ديوار عشق
٤- ياڪ هٿـم نيسين پـلا جيسين هيو دلـڙي ڇٽل
ڪاٽي ويو افسوس! هن آئيني کي زنگار عشق
٥- عقل جي حاجت نه آت جت عشق ٻاٽي ٻيڙ تو
ڇا جهلي لوهڙ هنيون آت، جت ڪري ڪجڪار عشق
٦- ڪيو اثر تنهن تي "مسافر" رمز سودا جي عجيب
روز شب چيڪا ڪري سيني ۾ جنهن جي خار عشق

## (٩١) داستان - فراق

١- اٿم نه طاقت، جو سان ڪريان بيان - فراق
وگرنه شرح دهم ٻانو داستان - فراق
٢- وصال راه ۾ ڪنهن پر ادا ڪريان پرواز
ڪه رفت مرغ دلم خود در آشيان - فراق
٣- پڇائي پور رهان ماٺ ۾ ملا لاچار
قرين محنت دلـم ست همقران - فراق
٤- فراق - هجر کي هن جڳ ۾ هاء ڪنهن آندو؟
ڪه روء هجر سيه باد و خانمان - فراق
٥- "صديق" حافظ جئن ڇو نه غم سندي ڪن ۾
فتاده ڪشتيء صبرم به باد بان - فراق

## (٩٣) فراق

١- گل - وصال سان شامل ھي خار آھ فراق
وصال - گنج سندي مهر - مار آھ فراق

٢- ٿين نا عاشق معشوق قرب ۾ قابو
تڏھن ضرور ڪندو تن آھ ڏار فراق

٣- حقيقتون ٿي محبت وڏي وڇوڙي ۾
اگرچه ظاھـــر ۾ زھردار آھ فراق

٤- اِھ قدر قرب جو تنهن کي ادا ذرو ھوٿو
ڪڏھن نہ جنهن ڪان ڪيو ڏار ٻار آھ فراق

٥- رھي نہ فرقت ۾ صبر جي سسي سالم
ڪو ھلاڪ تلوار وار آھ فراق

٦- ”مسافر“ آھ اثر جڳ اندر جدائي جو
سين سان ھوندڙ موقعہ تي ٻار آھ فراق

# رديف - ڪ

## (٩٤) فلڪ جا چلتر

١- آھ ا ھي چالا عجب ۽ تنهنجا چلتري اي فلڪ
ڪنهن کي منجھہ ڏين ڪين ٿنهنجو برابري اي فلڪ

٢- تنهنجي ناز ۽ نعمتن تي آھ ڪهڙو اعتبار؟
صبح جو پسجين اڇو ۽ شام احمر اي فلڪ

٣- جن گھرڻ ۾ گيت گانا ڳاج ڳانا ٻي غمي
سائي ساعت ڪن گھرن ۾ روح محشر اي فلڪ

٤- سچ رکيو آھي چڪيءَ جي ٻن پڙن وچ جڳ سڄو
سوئي غافل جنهن نہ اک ڦيري سراسر اي فلڪ

٥- ٿيو صداقت جو ثمر ھن سان ”مسافر“ منجھ صفر
تن اکيان لاھي ڪ ڇاڙھي تنھنجي ھڪ سري اي فلاڪ

# رديف ـ ڪ

## (٩٤) پنھنجو حال

١- ڪينڪي ھرڪنھن اڳيان ھرگزتون پنھنجو حال رک
منھن غريباڻي تي پيي راحت جي ھردم ڍال رک
٢- ٿان نہ دشمن کي ملي ڪو موقعو ھٿرن سندو
ھڙ ۾ ڪجھ، ناھي تہ پيي سرھائي پنھنجي سال رک
٣- سر سڄڻ کي پڻ ڏجي دشمن اڳيان دانا ٿجي
دشمنن تي پنھنجي دهشت بي ڌڙڪ تون ڄال رک
٤- دوست ھرگز ڪير رھ ڇيلو پيو پنھنجو ھلاھ
رزق لئي رزاق ۾ پنھنجي اندر آ مال رک
٥- اي ”مسافر“ ڪير ڪنھن مردود مڪڻي کي سنداھ
روز شب رزاق در سائل رھڻ جي چال رک

# رديف ـ ڳ

## (٩٥) دوست ڏاران دل تنگ

١- دوست ڏاران رھان ھتي دل تنگ
آھہ پروردگارا تو تي تنگ
٢- ڪنھن کي ھت دل جو حال ڪين چوان
مون کي آھي رکو تي جيءَ سان جنگ

٣- ٿل لئي ڪوهه ڪوهه پرڏيهي
پڻ نه پرديسين سان اڙجي انگ

٤- دل ڦري دلبرن کــي دوري
ڇوٽ سان پرپل ڇرهو وڃائي ڇنگ

٥- آه قابو اهــو ڇرڻ ڪان ٻارا
جنهن کي قابو وڏو محبت ولگ

٦- اي ”مسافر“ نه تون ٿئين ها ائين
جي نه سهڻن سندو ڪرين ها سنگ

## رديف - ڳ

### (٩٦) راڳ

١- رنجهه روحانــي برابر آهه راڳ
درد جـــي لاءِ بهتر آهه راڳ

٢- راڳ رکڻو اڄ نه ڪيو عالم پسند
پر جڳن ڪئي ڪان ڪليل آهه راڳ

٣- گرچه اڄ لئي راڳ جي صورت عجيب
ته به سياڻن لئي نه بدتر آهه راڳ

٤- ڇو نه صورت کي ڇڏي معني وٺن
اڄ به ان پر ڪيميا زر آهه راڳ

٥- راڳ آهي ڪاملن جي ڪسوٽي
عاشقن جي دل جو رهبر آهه راڳ

٦- حال محرم ڇت ”مسافر“ ڇو نه ڪو
آتَ وندر ان لاءِ اڪثر آهه راڳ

## رديف - گھ

### (٩٧) تن اندر تانگهه

١- تن اندر اي يار تنهنجي آهه مون کي تار تانگهه
هيءَ نه سا، جا قلب ڪنهن جي ڏينهڙا لئي چار تانگهه

٢- جيئن وڏن وڇڙيا جدائيءَ جا رهي تهئن تيز ٿي
آگ جيئن لڙون لڙون کي لوسائي ٿي باروبار ٽانڪ

٣- ناهي جمعيت ڪا جيءَ کي اميد ٿيڻ سان ويئي
يا خدا محبوب ميلي ٽار هي آزار ٽانڪ

٤- ٿيءَ ٿي ماندو جيءُ ۽ اورج جامع المتفرقين
پڪ سگهي پروردگار ٿي ٽاري سڀ هيڪار ڏانڪ

٥- ٽانڪ جنهن من کي "مسافر" تنهنجي ڪيو هيئن بيقرار
يار جي دل ۾ رسائيندي اوس سا ٽار ٽانڪ

# رديف - گ

## (٩٨) ڏنگ

١- نينهن ڪيئن نر ڪيا نظاري ڏنگ
زن کي پي مرد جيئن بيهاري ڏنگ

٢- زال سهڻي ڪ مهر، هڻي سيئي
ڪيئن ڪيون پرت سي پڄاري ڏنگ

٣- ڏوم دريا، سان مجازي جي
مرد حق بين ڪو آڪاري ڏنگ

٤- جن حقيقي هوا جي ساٿي بوءِ
تن ڪيو قلب پنهنجو ٺاري ڏنگ

٥- سن "مسافر" جو مرشد هادي
مرت سان سنئون ڪيو سنواري ڏنگ

# رديف - ل

## (٩٩) حال اورڻ

١- حال محرم سان مناسب آهه اورڻ پنهنجو حال
غير محرم سان ڪڏهن نه ڪر دل جي ڪر ڪا قيل وقال

٢- حال اورڻ سان ٿو هلڪو بارڪان بنجي هنيون
پر آهيءَ سان جو ڪري همدرد ٿي دل کي نهال

٣- هر ڏکوئل سان رهڻ همدرد هر آدم جو فرض
آهه همدردي ڏکوئل دل جي لئي هڪ سهڻي ڙال

٤- موڻ کي سو همدرد هٿ آيو ڪيم جيءَ جاهه جنهن
ان سچي همدرد جون لکها پلاءَسون چاڙان پال

٥- ان "مسافر" جو جنهن دم چا سفر ڇا حضر ۾
رک تون همدرديءَ سان ير پنهنجو هميون بالم بحال

# رديف - م

## (١٠٠) سچائيءَ جو جام

١- پري ڏينم ساقي سچائيءَ جو جام
نشا نينهن جا مغز تي چاڙهه جام

٢- فلڪ تي نه جنهن ڪا فلڪ آئهان
وٺي عاشقن کان تـو جو انتقام

٣- نه آرام تـو عاشقن کي ڏئي
ڪسي عيش تو عاشقن کان مدام

٤- اهو وصل جـو آهه دشمن کتو
هنئين کي ڪريو ڏئي سچو جڳ حرام

٥- انس عاشقن سان عـداوت سدا
مٿس عاشقن جـي سدائين ملام

٦- سچن تون رهين مون سان ساڻي نه مي
فلڪ کان ٿئي پوءِ ڇا سر انجام

٧- مٺل دل کي هٿ آيو آبِ حيات
مڪا جي سچڻ مون ڏي سڪ جا سلام

٨- سچڻ شال سگهڙو "مسافر" ملي
مڃي سان سردار پيڙو غـلام

## (١٠١) تاريخ ديوان فاضل بمع شرح تيار ٿيڻ جي

١- دل سان هزار شڪر سنده خالق آنام
بخشين پلارا علم فضيلت سندا انعام

٢- اڄ فيض بخش ڪامل استاد جا سخن
سان شرح ڪيا تيار سندن خاڪپا غلام

٣- تشريح لئي ڪلام جي حجت سندم نه ٿئي
پر ڏان هي سندن ٿي نظر فيض ڪي ڏنام

٤- ناچيز منهنجي خدمت هل ڪن قبول ايڪ
بس بارگه سندن ۾ اهي عرض ٿيا سندام

٥- سيپٽمبر آهه ماهه دوشنبه ۽ تيرهين
جو شرح ٿي ڪلام سندي خير سان تمام

٦- سر ڪيو "مسافر" آس ۾ ٻو سال هي سروش
ديوان فاضل آهه فصاحت ڀريو ڪلام

١٨٧٧ + ٦٢ (آس) = ١٩٣٩ع

## (١٠٢) اسڪولي ٻارن لاءِ اسيمبليءَ جو راڳ

١- پاڪ تون پروردگارا! ڪر سدا پنهنجو ڪرم
خوش رکج خالق اسان کي دور ڪج سڀ غم آلم

٢- اي ڌڻي! ٻچڙي سنگت ڪان تون بچائج مهر سان
علم جي بخشش ڏجان ڏانار ڪا اعليٰ آنم

٣- خوش رهن استاد سائن مٺ يا خدا!
عمر گذري سوڀ سان رکجان پلارا لڄ ڀرم

٤- وات جا نوڪي وڏي سائي اسان کي تون وناه
پاڪ نالو تنهنجو دل ياد ڪريون دمبدم

٥- مهرسائين سان "مسافر" جڳ اندر هادي! ملاه
ٻال سان هرهنڌ پرائج سڀ سان نيڪيءَ جا قدم

## (١٠٣) مرحوم خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي ياد ۾

١- اي قلم! تحرير ڪرتون توکي اڄ تازو الم
خان بهادر مير صاحب جو ورتو ناهه غم
٢- ڪلمڪتو ڪاڻو سدا ڪٺ گل اهو اڄ باغ ۾
بلبل- بيمار جئن آهن سيئي دلسوزيون پسم
٣- چا سندس رخ نور پرٻل چا سندس دل صاف نيڪ
چا سندس هئا عقل ۽ ويچار وارا نيڪ ڪم
٤- صحبت ۽ تعليم جو عاشق سچو صاحب سچي
خير ڪارن خلق جي قربان ڪيئين ڪيڏي رقم
٥- عدل ۽ انصاف ۾ اڳرو سدا مرحوم هو
هو يتيمن جو ابو ۽ بيڪسن جو پت پرم
٦- روح ان جو شل سدا فردوس ۾ فائز رهي
دل سان سڀ ساڪن "مسافر" ڪن دعا تا دمبدم.

## (١٠٤) تاريخ طبع ديوان قادري

١- وئي لاڙڪاڻا ڏي چڪي قسمت سندم زمام
ديدار دوستن جي سان حاصل خوشي ٿي جام
٢- صاحب علي محمد سو قادري رئيس
جنهنجي پسڻ جو دل کي گهڻو شوق هو تمام
٣- آن جي ملڻ جو هرف سرير پاڻ سريم خوشي
نهڙو بزرگ سو هو پڌم جهڙو ايڪ نام
٤- آت سڻن ڪيو مطالع "ديوان قادري"
ڇپجي اڳري، ٿيو نه اڄا هو اهو تمام

٥- پڙهندي ڪلام دل کي مسرت سري گهڻي
مضمون دلپسند عبارات خوش نظام

٦- ڀاٽاڀو بحر طبع رسا ان بزرگ جي
موتي ڪي معرفت جا منجهس بي بها ملهام

٧- آل- عبا جي حب سان زينت ڪلام کي
ذڪر- حقيقت آهه نيو ظاهر مجاز سام

٨- هر نظم آهه باغ بلاغت جو ۽ بهار
هر بيت گل شگفته معطر ڪيو مشام

٩- ديوان قادري جي ٿي توحيد ابتدا
روحانيت جي رمز الهيءَ جو مٿو انجام

١٠- شل يادگار قائم هوءِ قادري سندو
تاريخ طبع نظم جا دل ۾ امنگ آئيام

١١- ات شڪر- غيب ڪولي "مسافر" چيو سروش
ديوان قادري ٿيو عجيب گلشن- ڪلام

---

سن ۱۳۵۸ هه = (ي) ۱۰- ۱۳۶۸

# رديف. ن

## (١٠٥) جان قربان

١- تو جڳائي جي ڪربان جالي متان قربان جان
هن مٺي محبوب ڪان مون کي مٺي شيءِ ڪا ٻڪان

٢- پيو ڪريان خدمت سنده اي خوش لقا دلدار يار
پاڻ کي چاڻان انهيءَ خدمت ڪري آءٌ ڀاڳوان

٣- پاڻ کي جيڪي ٻتوڙيان تنهنجي خدمت ۾ سوجوڳ
دستہ بستہ آهيان حاضر اکيان تو مهربان!

٤ـ جاڀا! جيڏن ۾ تنهنجي عشق ڪان مون افتخار
جوڳ آهي جي جوان اڄ ھاڻ ڪي خانن جو خان

٥ـ ورد مون محبوب ڪارڻ ٿيو "مسافر" روز شب
يا خدا! محبوب منهنجي تي رهين تون مهربان

## (١٠٦) يار جي جدائي

١ـ ڪالهه هن جائي ڇڏيم جائي نه اڄ سيئي ڏسان
سي اُجهاڻا ماڪ اڄ ٻرين ٻنان پيئي ڏسان

٢ـ ڪلهه ڪيم جن سان رهائيون اڄ نه سي ٻسجن ٻرين
ڪنپ ڪري آڏران ڪئي محبوب ڪي نيئي ڏسان

٣ـ نيو نهوڙي نيهه هئي! جا ڳهس جتن لئي ڪينڪي
هاڻ هئي هتڙا هٿان جو وٽ هٿان وئي ڏسان

٤ـ جي ڇڏيان ها ڪينڪي پيچو پياري يار جو
ڳڏ هجان تن سان اڄ هٿ ڪين تي جيئي ڏسان

٥ـ يا خدا مهرئون "مسافر" يار تون مون ڪي ملاءِ
سا ڪرم تنهنجي سڄڻ سردار سنجهيئي ڏسان

## (١٠٧) ڪرن ڪوڙن جي آزمائش

١ـ زماني ۾ ڪري ڪوڙا ڏٺا ڪئين آزمائي مون
صرافن ڪان سکيس جئن، ڪسوٽيءَ تي تئن لڳائي مون

٢ـ ڪلام الله ۾ قادر چيا خناس کي ماڻهو
وجهن وسواس سينن ۾ ڏٺو تن کي چتائي مون

٣ـ رکي دل ۾ دغا توسان ظاهر رهندا تو جهڙا
رهي موسان مون جهڙا وري ويندا رڳائي مون

٤ـ ٻيا ماکيءَ مثل منهن ۾ اندر ۾ زهر جا ڪيڙا
مٺاڻ جيپ نوش دل ۾ نيش جاچيا ڏک پرائي مون

٣- تنهنجي ٻولين جي ٻڌڻ جو اي مٺا مون اشتياق
منهنجي جيءَ کي آهه بس جهوري ڇڏيائين رات ڏينهن

٤- آهين تون دنيا ۾ اي محبوب منهنجي لاءِ بس
ڪين ليکيان خلق جي لائي لڳائي رات ڏينهن

٥- آسري تنهنجي ملڻ جي تي ”مسافر“ پيو ٽڪي
جيءَ ۾ جوڙيم جاءِ تنهنجي سان صفائي رات ڏينهن

## (١١١) درد ۽ دل

١- هن درد پري دل جو آواز سڻايان سان
بي درد جي دل کي پي پردرد بڻايان سان

٢- هڪ نيڻ سان (دجله) ڏس ٻئي نيڻ سان (سندو)
ان آب سان هيءَ آتش دردن جي اُجهايان سان

٣- جنهن تير نظر جي سان دل ساري ڪئي زخمي
تنهن محب جي سر ڪِن جو سر هر ڪنهن لڳايان سان

٥- هن درد جي چقمق کي سک سهڻي ڏني سائين
جيئن مهر سڄڻ جي کي دل سان هنڊايان سان

٥- ساماڻ ”مسافر“ ڪو ڪُڪ، صبر سدائين تون
پوءِ عشق جي منزل جو آرام ٻڌايان سان

٦- هن عشق جي منزل ۾ ساماڻ صداقت ڪو
آرام ”مسافر“ بس اِن رهت پرايان سان

## (١١٢) بالغن جي تعليم

١- اُميد اٿئون سنڌ سڄي شاد ڪنداسون
ڏئي علم سندو آب سڀا آباد ڪنداسون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧- "مسافر" ياڻ ۾ ويهي جتي ڪن حال ڏک سک جا
اتي ڪي زخم دل جو تو مرهم ياد رهندوسون

## (١١٥) رب رحيم ڪريم جلشانه

١- ڏٺي خالق - ارض ۽ آسمان
سڄي خلق تي قادر - مهربان
٢- ڪرين پرورش پيار سان جڻن، نه ڄڻن
سگهن ماءُ ۽ پيءُ ڪري سنجهه جهان
٣- ڪرين بيڪسن تي ڀلايون ڀلا
هدايت حمايت سنده ِتي عيان
٤- صدا صبر ۽ شڪر توفيق ڏات
اسان کي ڪرين تون عطا ايءِ مٺان
٥- سدا سار تنهنجي "مسافر" ٿمر
سنده ذڪر ۾ محو عقل ۽ زبان

## (١١٦) يوم - پاڪستان تي اسڪولي ٻارن لاءِ ڏاهيل

١- سدا سلامت بـالم بحـال پاڪستان
رکيج ڪرم سان تون رب ذوالجلال پاڪستان
٢- علم اُنهيءَ جو سدا هوءِ بلند ۽ بالا
هميشه هوءِ سان سرسو بـ شال پاڪستان
٣- ڪندا بـ مؤمن تن من ۽ ڌن ٿتس قربان
رهي دنيا منجهه نرمل نهال پاڪستان
٤- سڏبون جا سچ پچ اسلام جي ڪماليت
مدار ان جو سراسر ڪمال پاڪستان
٥- جي ملڪهرا جڳ ۾ هون هن حڪومت جا
ڪري انهن کي سدا پائمال پاڪستان
٦- مڙني "مسافر" ديسي گهرون دعائون دلئون
رهي سلامت سرسبز سال پاڪستان

## (١١٧) نعت حضرت رسول کريم صلعم

١- يا محمد شفيع هردو جهان | آنکہ معراج کرد طرف منان
٢- خاتم الرسل افضل انبيا | ماحي جملہ معصيت مارسان
٣- حرمت آل وصحب خويشم کن | با جمال جميل خود شادان
٤- يا خدا دائما تنزل کن | بروي و آل و صحب وي پاکان
٥- دمبدم بي نہ بي صلواة و سلام | و افرو بي عدد نثار روان

٦- تبضرع توبي "مسافر" حوان
عاقبت خير و مجلس ذ بشان

# رديف - ط

## (١١٨) اڇو وڇو

١- سونهي لئو ڄڃن در هرهر اڇو وڇو
سڄڻن ساڻ سڏ ني باڪل بهتر اڇو وڇو
٢- ناهي گناه هرگز ڪنهن دم بہ پنهنجي گهر
پر ماڻهو نہ آهہ ڪو پر گهر اڇو وڇو
٣- جڳ پر اڇو وڇو ڪان سوا ڪونہ ڪو ٿئي
مقصد بنان سونهي ئي ٿئو پر اڇو وڇو
٤- گهر ويٺي شينهن پڻ تو سري بڪ جهان ۾
پورهئي پنيان وٺيئي جڻ ٿئن ڪر اڇو وڇو
٥- ڪ جي سچي "مسافر" من پر اٿئي نہ بس
پاڻ ئي ڪندو پيارل ڪنهن پر اڇو وڇو

# رديف - و

## (١١٩) دلدار آيو

١- ڍلي ۾ جي ڪري جاني وٺم دلدار اڄ آيو
ڏيان قدمن تان قرباني وٺم دلدار اڄ آيو
٢- مٺا! هيءَ دل سندم ساري جدائيءَ جي جفا ماري
خدا ڏٺي پنهنجي ستاري وٺم دلدار اڄ آيو

٣- ڪربان ڇا دل جي خوشي ظاهر لڪن ڪان آهه جا باهر
وسيلو ٿيو خدا واهر وٺم دلدار اڄ آيو
٤- پڳي منهنجي غريباڻي ڪئي تــو شاهه شاهاڻي
جواني بار شل ماڻين وٺم دلدار اڄ آيو
٥- اچو تنهنجو مٺا جاني بلاشڪ دلفزا جاني
اکين منهنجين تي آ جاني وٺم دلدار اڄ آيو
٦- کلي اڄ بخت جي روزي ڪئي تو رونق افروزي
"مسافر" ويئي دل سوزي وٺم دلدار اڄ آيو

## (١٢٠) نصيحت

١- هل تواضع طريق تون هر سو
ڪل مڪو سڀ سان يار رهه خوشخو
٢- حق ڪنان تون هٿن نه موڙج منهن
ڪيم پنهنجو لڄاءِ نام لکو
٣- ڪنڌ سڪلو ادا سڄو سيٺي
فاخته جئن نه بول "ڪهوا ڪهوا ڪهو"
٤- لاهه چاڙها اچـن گهڻا درپيش
ڪر تحمل گهٽي نه ڪر "هاهو"
٥- حق ڪنان تون سيٺي حالت
ڏس "وصالي" ڏسي جا خاصي خو
٦- "ناوڪ اندر ڪمان ِ خود دارد
شاهدان را بهانه در ابـــرو"
٧- نــام مرحوم نيڪ اُستاد ن
ڳانجي پل "مسافرا" هرڪو

## (١٢١) حيران دل

١- ڇا چوان؟ هٿي! دل ڪئي حيران منهنجي يار تو
تير ِ مژگان سان مٺا! اکيرو ڏنو آزار تو
٢- سهٽي اک تنهنجي اکٽي هيو قهر جو پاتي ڪجل
ظلم جو غازه ڏنو ذرو منهن تي مکيو هيو ڏار تو

۳- سان دعا ڪن ڪجھ ٿي پٽ پاڙ ٿلهي برباد ڪري
عڪس عجب سڀ باطن جو ظاهر ۾ دنيا اسرار ڏسو

۴- حق جي خواهش پنهنجو ظهورو چاهيو نظر ڪان پاڪ رکي
هيڏي دعاه خليل (ع) ڏسو قارون هوڏي نروار ڏسو

۵- من ۾ "مسافر" هوء محبت پاھر پل ڪوڪتن ۾ جوي
ڏيک جي الف وارو دنيا ۾ نيٺ ٿئي بيڪار ڏسو

## (۱۲۵) دل ٺار نالي وارو

۱- حضرت نبي محمد (صلعم) دل ٺار نام تنهنجو
خيرالبشر لقب تنهنجو خير الا نسام تنهنجو

۲- مالڪن جي جت نہ حاجت آت تو قدم گھمايا
عرش برين ڪان اعلي آهي مقام تنهنجو

۳- ختم الرسل تون صاحب سردار سڀ انبين جو
پيارو تون پاڪ رب جو افضل ڪلام تنهنجو

۴- آوند هہ ڌري ضلالت ۽ ڪفر جي دنيا سان
جلوو پڌر جنهين دم ٿيو جڳ ۾ جام تنهنجو

۵- سرڪش سهٺي مخالف ساري سي تو مڃايا
قادر بنايو قيصر، ڪسري غلام تنهنجو

۶- شافع جهان اشفاعت محشر ۾ جت ڪندين تون
انبيا اچي پرهندا آت سڀ سلام تنهنجو

۷- انسان ۽ فرشتا سڀ سان تنهنجا تابع
جيءَ سان جڙيو جنن پي پيارا پيغام تنهنجو

۸- تارا نيا هدا جا پوڙا نيا پڌن لئي
پيتو پريت سان جن پر فيض جام تنهنجو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩- هردو سرا ۾ آسرو آهي تون هاديا
طلبي ڪرم "مسافر" سوالي سدا تنهنجو

## (١٢٦) قومي ترانو

١- رک رب" پاک پاڪستان سوڀ شان اسان جو
قربان مال، تن، من سنڌڙي شان اسان جو
٢- مادر وطن جا آهيون ٻچا هڪ سپوت هردم
هردم بحال هرهڪ مسلم جوان اسان جو
٣- سنڌي، مهاجر آهيون هڪ ٻئا هم وطن سڀ
ويو دفع سارو ويڇو ٿي ديس مان اسان جو
٤- هڪٻئي سان صاف سيني آهيون اسين بلاشڪ
هڪٻئي ۾ بد نه، ڪوئي آهي گمان اسان جو
٥- آهيون اسين ٻه ٻانهون پنهنجي وطن جا قائم
ايڪو سنهي سراسر ٿيو هر زمان اسان جو
٦- پنهنجي وطن جي خدمت خاطر تيار آهيون
پل تجربو ڪري اڄ سارو جهان اسان جو
٧- مسلم جوان ٿينجي بزدل رهون نه هرگز
سيني ۾ جوش قومي آهي عيان اسان جو
٨- همت اسان جي هرگز آهي نه هارڻ جي
هر حال ۾ لڳي ٿو سر ديس سان اسان جو
٩- دل سان ڪنداسون دنيا ۾ سنهن مٿي وطن جو
ناموس تالو ڪٿائي پل هر زمان اسان جو
١٠- سينا سپر "مسافر" هردم وطن جي سڌ ٿي
هرگز نه، پير هٽيو ميدان کان اسان جو

## (١٣٧) مرحوم شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ، صاحب

١- قابل قليچ ميرزا هڪ با خدا هو
عالم عمل جو صاحب درويش با صفا هو

٢- آل - نبي جو عاشق سڀ سان سنديس اچي دل
راه - وفا تعصب کان هو بنهه جدا هو

٣- آن جي قلم کي قادر بخشي عجب ڪلا هئي
عادل اتڪ مصنف شاعر به حق نما هو

٤- سنڌي ادب خزانو پربور ڪيائين پالڻون
اهڙو نہ سنڌ مادر ٻيو پيدا ڪيو ويا هو

٥- هو شاعريءَ جي نڪتن رمزن جو خوب واقف
سڀ نظم نثر ان جو دلچسپ بي بها هو

٦- دڪان فيض بخشيءَ هو هئس کايل سدائين
سڀ علم شائقين جو ميلو وٽس سدا هو

٧- پابند وقت جو هو اڻ ورچ ۽ جفاڪش
شب خيز شوق طاعت ۽ طالب - دعا هو

٨- دنيا سان دادا پورو اوني سان آخرت جي
ظاهر ۾ هو امير ۽ باطن ۾ پارسا هو

٩- لک جهڙا فيصلا ڪيا انصاف عدل سان آن
ماجسٽريٽ جڏهن هو مرد بي ريا هو

١٠- هو سال اوڻيهون ويهن صديءَ جو وارد
جولاء ڏهن ٽئين ٿيو راهي راه - بقا هو

١١- من تي مڙهيا "مسافر" روحاني فيض ان جا
فيض مرد فائق مرحوم ميرزا هو

# رديف - ه

## (١٢٨) علم

١- دل سند و ۽ عقل جو سهڻو سڌارو علم آهه
سچ پڇو هي ساري عالم جو اجارو علم آهه

٢- علم ڏاران ڪيئن سڄاڻي آدمي پنهنجو ڏڻي
جڳ جي سڀني ديس توڙي قوم جو سينگار علم

٣- آهه سڀڪنهن ديس توڙي قوم جو سينگار علم
ساهه جئن هر سمجهه واري کي پيارو علم آهه

٤- شوق دل جي سان پرايون علم پائر پيرون
جو ڏسي سڀئين واٽ سو سونهون سنهارو علم آهه

٥- علم بخشڻ جي نوازش ڪر اسان تي اي ڏڻي!
اي سپاجها! حال سڀ جو تو کي سارو علم آهه

٦- ديس ۽ پرديس ۾، آڻ هوند توڙي هوند ۾
ڪيو ”مسافر“ چؤطرف نوري نظارو علم آهه

## (١٢٩) ڏڻيءَ در سوال

١- رَحيمُ الرب“ غفّاري تونئي سبحان يا الله
عَليمُ“ السميع“ جبّاري تونئي منّان“ يا الله

٢- بحق مصطفي السعد ڪه سيد نا جناب احمد
و اربع يار - آن امجد بڪن احسان يا الله

٣- ڪريمي يا خدا اڪبر بحق آل آن اطهر
شده عصيان من اڪثر تونئي رحمان يا الله

٤- نه آثام و سعه دارم گنهگارم گنهگارم
از سر تاپا شر مسارم شدم نادان يا الله

١٩- چون آيد مرگ مـــن برسر – بگويم ڪـلمئہ مظهر
شوم با ڪرم يـا اڪبر – شهادت خوان يا الله

٢٠- الايا آدم الا ضعف – "صديق" المذنبي الخف
الا هـاذالمڪان قف – قبل الرحمان يـا الله

نوٽ:- هي فارسي مناجات ان وقت جي ناهيل آهي جڏهن اجان آئون ٽريننگ ماستر هوس. نڪا ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم ورتي هيم ۽ نه فارسي يا عربي صرف و نحو جي تعليم يا علم عروض ۽ قافيه جي واقفيت حاصل ڪئي هيم. تنهنڪري فقط پنهنجي اوائلي وقت جي جذبات جي يادگار طور، هيءَ مناجات اصلوڪيءَ حالت ۾ هت درج ڪئي اٿم. ٻهرحال منهنجو تخلص "آهہ ضعف" پوءِ "خادم" ۽ آخر "مسافر" قائم ۽ مشهور ٿي ويو.
محمد صديق

## (١٣٠) مناجات

١- اڪين ٿورا ٻنده آهن سوين احسان يا الله
بيان ڪڏهن نہ ٿي سگهندي ڪنان انسان يا الله

٢- هيئان ڪک جي ٻيو آهي، لک ٻچائين تون بلائن کان
نہ ڪا ڪجھ جي خبر آهي، آهيون نادان يا الله

٣- نہ طاقت ٿئي ٿي تنهن جي نہ امرن تي آهيون عامل
غافل غفلت ۽ غلطين ۾ آهيون غلطان يا الله

٤- دروغن ۽ دغا دولاب ۾ بــرباد دم آهن
خطائون ٿيون ٿين خاميون گنهہ عصيان يا الله

٥- اهي سڀئي ڏسي ستارا ڍاڪهارا ڪرين ڍاڪهون
ڏڪين تو پاڪ بخشين تو تون ٿي رحمان يا الله

٣- سوجھرو تعليم سڌجي جھل اونداھي اگھور
”رب زدني“ ڪئي پاڙڻ التجا تعليم آھ
٤- ”ڪل مسلم مسلمه“ فرمان پيغمبر سندو
ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي رهنما تعليم آھ
٥- جاچ وجه اي قوم مسلم منجھ، ڪريان جھاتڙي
بس رهي باقي وجي منجھ، قوم جا تعليم آھ
٦- ڪٽنب ۾ ٽي چار ياڳي عام ۾ سڀ ڪو جزو
ايءَ ۾ سالم سنڌ ۾ مسلم جي ڪا شڪل آھ
٧- جھل جي ظلمت ۾ کھوئي قوم ڪان ٿئي ڪاروبار
ساري ڪوشش رائگان ٿيئي سواءِ تعليم آھ
٨- فرض مرشد تي مريدن کي ڏسڻ رستو اهو
دين دولتمند هر ڪنهن جي سخا تعليم آھ
٩- ائين ٿئي جڏهين نڌهين لئي ٻار پيڙو قوم جو
قرب ۽ همت سان ٿيئي ٻي بها تعليم آھ
١٠- اي مسلمانوا پڙهايو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون
جسم سالم قوم جو رکندي اها تعليم آھ
١١- شڪر مولي جا ”مسافر“ ڪر صداقت سان سدا
سهٽي خدمت قوم جي ٿي تنهنجي لاءِ تعليم آھ

## (١٢٣) تاريخ طبع فردوس غوثيه

١- ٿيو طبع با لطافت فردوس غوثيه
هر روح لاءِ راحت فردوس غوثيه

٢- سيد سڳوري شاه علي ڳوهري ڪڇي
جس جو ڪه ڪيو ڪتابت فردوس غوثيه

٣- بخشيندو دهر اداڻ الهيءَ ڪي سچو دلي
ڏيکاري جنهن صداقت فردوس غوثيه

۴- مضمون دلپسند فقيرالي ٻول چال
پڻ نظم ۽ سر نزاڪت فردوس غوثيہ

۵- مرشد جي حب سهڻي سمايل ڪتاب ۾
حق عشق جي عنايت فردوس غوثيہ

۶- سرچشمہ و پاه غوث جدا رکہ اکين مٿي

۵ ۳

هجري ٿئي، سنہ طباعت فردوس غوثيہ
(۱۳۵۸ ھ = ۱۸۶۰-۵۰۳)

۷- سنہ عيسوي سروش "مسافر" کي هيءَ چيو
بارخ حق و عبادت فردوس غوثيہ

۸ ۷

( ۱۹۳۹ع = ۱۸۶۱×۷۸ ) ۱۹۳۹ع

# رديف - ي

## (۱۴۳) لاشريڪ محبوب

۱- ترازو ۾ دل ۾ تکي توڙي توري
ڏٺو مون سچو ساه ۾ تو کي سوري

۲- نہ تل سور تنهنجو هنئين ۾ هچيو ڪو
ڪم ڪرهہ ڪاتتو پري خواه اوري

۳- آلمستون لمالي ءِ ذاتو سنده جو
رکيو ساه سان سو سچو مون سنديوري

۴- قبوليم تہ آهيان آهاڻي ڪ آڳلي
مگر وصل تنهنجو سرديہ پل سدوري

۵- نہ وسري سنده ٻاجهہ ٿي ڪا گهڙي مون
ٻچان ڪين تنهنجي پرين ڪنهن بہ توري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦- جفا ڏي جدائيءَ جي هٿن ڪيم حالي
وري آهِ ولها ولهي آهيان تـوري
٧- پرين! ناهه پروا ڪيئي ڪاٽ ملهنجي
مگر سڪ سندم چاڪ پل پل ٿي چوري
٨- وڇوڙي جو پل پل سڄي سال پانيان
جدائي سندم جاڙ جيءَ کي ٿي جهوري
٩- ڪکن ۾ ڪميڻي جسي پارس پيارا
سڳورا اچي نـانءُ پنهنجـي سڳوري
١٠- مٺا! حال محرم "مسافر" جو تون ٿي
ڪٿي پيو اندر جو وڃي حال اوري؟

نوٽ:- سال ٦-١٩٠٥ ۾ سکوڙي ماهوار رسالي جي ايڊيٽري هيٺين مصرع تي مشاعرن کان غزل جي گهر ڪئي ۽ اول نمبر غزل کي وڏا رپيا انعام ڏاسيائين. اها مصرع طرح جيءَ هئي:

"وري آهِ ولها! ولهي آهيان تو ري"

جدا جدا شاعرن کان آيلن غزلن ۾ بفضل خدا مٿيون غزل پهريون نمبر آيو ۽ وڏا رپيا انعام "مسافر" کي حاصل ٿيو.

## (١٣٤) برساتڙي

١- پال سان پيلـي اچي چاڻي چمـر برساتڙي
لائي مهرئون جـڳ اوريکن اثـر برساتڙي
٢- سج چڙي تابش نکي اوڍي ڪڪر جي اوڍڻي
ني چڱي نڌ ڪار سان هر بحر بر برساتڙي

٣- ٽوٽ ٽي ڏرتي ٽمائي آج ڪان هٿي عاجز ڪهڙي
رحم جي لڙڪن سان ڪئي ما تازه تر برساتڙي

۴- خشڪ ڪائي ڪاه ٽيا ڳ ڳدام ساوڪ سيڪڙو
جابجا تن ڪاڻ سبزيون ڪيون سپر برساتڙي

۵- واه واهڙ جن ۾ واري تي آڏالي روز شب
سوجهرن سلوڪيا سي سربسر برساتڙي

٦- هٿ ڪنيو هاديءَ ڏي هارن ٽي اوڙ ڪيون عاجزيون
تن پريون جهوليون چڏهن آئدي ڪڪر برساتڙي

٧- موڪيون دل سان سڪائون ٽي سڳهارن جنهن جي ڪاڻ
ما ڪشي بيلي اچي پنهنجي ڪمر برساتڙي

٨- سبز پوشاڪن سان وڻ سينگاريا جي هئا بهار
تن جي زياده زيب خاطر تي سجر برساتڙي

٩- ٿاري ڪڪ ڪچرو پٽن تان سلڪ ڪيو برسات صاف
ڇهچتا ڇوڏار ڪيا سهڻا سپر برساتڙي

١٠- شهر ٿيا سرما شڪر سان ڳوٺ ڳڳه ٽيڙوا ٽري
ڪيا "مسافر" لئي صداقت جا ثمر برساتڙي

## (١٣٥) نعت حضرت رسول ڪريم صلعم

١- مٺا! محمد رسول اڪرم — صلوات توني سلام توني
هجي هميشه حضورا هردم — صلوات توني سلام توني

٢- پڙهن ملائڪ درود توني — خدا جو تحفو صلوات توڏي
اُڪير سان سڀ پڙهن تا آدم — صلوات توني سلام توني

٣- سڀني نبين ۾ برک بالا رکيو خدا تنهنجو درجو اعليٰ
تون انبيائن جو آهين خاتم صلوات توتي سلام توتي

٤- مليو هو معراج مان توکي سرهو شفاعت سان شان توکي
حبيب هيڻن سندو تون همدم صلوات توتي سلام توتي

٥- سڀو ورولولاڪ جو تون سائين نبي آمي تون اعليٰ آهين
مڃي سندءِ هاڪ ساري عالم صلوات توتي سلام توتي

٦- سڄيو جهين توکي دل سان هادي صلوات خواني جا ٿيا سي عادي
تنهين کي دارين ۾ نه ڪو غم صلوات توتي سلام توتي

٧- ڏنءِ دنيا کي پيام حق جو پڙهڪيني سڀ ڪلام حق جو
سچو تون بيشڪ بحال بالم صلوات توتي سلام توتي

٨ هئين ڪڇيءَ کان يتيم سرور! اڇي نميا نه به امير تو در
سچائيءَ جي سا ڪ اعظم صلوات توتي سلام توتي

٩- جڏهن عدون ستائو توکي بنان سبب ٿي رنجائو توکي
دعا ڪرڻ نه ٻه هو تو سندو ڪم صلوات توتي سلام توتي

١٠- مڱي ”مسافر“ تو سان صداقت ڪجو منجهه حشر ڪا حمايت
پڙهون سيئي دل سچيءَ سان دم دم صلوات توتي سلام توتي

## (١٣٦) اسڪولي ٻارن لاءِ اسيمبليءَ جو راڳ

١- تون آجهو آڌار آهين جڳ سڄي جو اي ڌڻي
جيس ست تنهنجو نه هرگز جوڙ ٿيو ڪو اي ڌڻي

٢- سا ڪرم احسان تنهنجي رات گذري خير سان
ڏينهن ٻي سک سان گذارج امان جو سارو اي ڌڻي

٣- وات نيڪيءَ جي هلائج جنهن مان حاصل جس ٿئي
ڏوهه ٿئين ڪان اسان کي رک تون آجو اي ڏٿي

٤- علم ۽ اخلاق جا ڀرا تون بخشج پال سان
ڪج بڌر نيڪيءَ سان استادن جو ٿالو اي ڏٿي

٥- سا هلائج راهه مٺ مالڪ جي دل راضي رهي
من مرادن سان "مسافر" ڪج قرارو اي ڏٿي

## (١٣٧) سهڻن کي سچائي سونهي

١- سونهي تنهنجي منهن تي ٿي سهڻا سچائي
وفادار سا ڪا ڪجي بي وفائي

٢- هنيون هوت تنهنجي حوالي اڳيمئي
تڪجي سماهه ديدار جي ڪر دوائي

٣- اکيون آبدار ٿيون بچيون بچائي
مٿي آهه سينو پالي ڪر صفائي

٤- دهن تنهنجو دلبر سچو حوض ڪوثر
نه مٽ مون کي حورن قصورن جي ڪائي

٥- ڪپي وصل انعام تن عاشقن کي
ڪمي عشق ۽ قرب سان جن ڪمائي

٦- "مسافر" هلائيندي بن آٺ زور ڪهڙو؟
جتي مٺ سچن جي تي سيڪا پلائي

## (١٣٨) خدا تعاليٰ در سوال

١- يا خدا عاجز اپرن تي عنايت ڪرجي
تنهنجي هر حال ۾ هيٺن کي حمايت ڪرجي

٢- درد جي نوج ڪرڻ دفع سهاي مرسل
هن هزيمت ۾ ڪئو فتح جو رايت کھرجي

٣- غم جي صحرا ۾ جا اندوھ حي اولڌھ چانئي
تنھن ۾ اڄ رحم پري شمع هدايت کھرجي

٤- هيءَ جو سر سبز سندم باغ خزان ڪيو ويران
تنھن تي ٿيي رحم بهاري جي رعايت کھرجي

٥- حال هيئن جو نہ ڪوئي ٿيو سنده فضل سوا
فضل تنهنجي جي غنيٰ حال تي غايت کھرجي

٦- مهر جو سيئهن ”مسافر“ تي ڪو هن ساڳ وساء
تي اڄڙ ساڳ تي احسان جي آدت کھرجي

## (١٣٩) غمگسار نہ وڃي

١- نہ ڪنهن ڪان شال زماني ۾ غمگسار وڃي
جئن جڏارو ٿئي، جـي نيو جيءَ جيار وڃي

٢- هنئين ڪـان راحت آرام سوڪلايو وڃـي
هنان جڏهن ڪ ٿو هٿي هٿي هنئين جو هار وڃي

٣- سواد ڪئن اچي گھر گهاٽ مان ادا ڪوئي
جڏهن ٿو نڪري انهيءَ گھر مان گھر سڌار وڃي

٤- انهن ڪي مجلس و محفل ۾ چا سرو اچند و
جنهين جو بزم بهاري چڏي نـو بار وڃي

٥- زمين جنجي سڪي دل جي سيئهن محبت لئي
تنهين جي قلب نان ڪئن غم سند و غبار وڃي

٦- جي جيءَ ۾ جاه ڪري بوه ويا مٿي منزل
تنهين جي من مان ”مسافر“ جي ڪئن بچار وڃي

## (١٤٠) دنيا گذر جو گام

١- رهين مغرور تون ڇا ني؟ دنيا جو دم گذر آهي
پلو آهين، جي پاڻين ٿو تہ دنيا تنهنجو گهر آهي

٢- ٻاٻي هيءَ عمر بيشڪ آه پر کهڙو ڀڄنا ان کي؟
ڏسن هرزور پيو هل ڇل سڀهون سڀ کي سفر آهي

٣- هزارن جي هٿان آئي وئي هاڃا ڪري هنبس
رهي سا ڪيترو تو وٽ جا دولت تنهنجي در آهي

٤- ڏني جي مهر سان مايا خدا توکي تہ ڪر سڦلي
مڃائي تون ڇاڻج ۽ آجائي مر پٽر آهي

٥- رکج هر وقت اي بندا! خدا جو خوف تون دل ۾
لڳائي پاڻ ڪر نيڪي عجب جنهنجو اثر آهي

٦- نہ ڪر ڪنهن سان جفا ڪائي نہ زور ۽ ظلم ڪو ذرڙو
دنيا ۽ آخرت ۾ نيٺ ظالم دربدر آهي

٧- مقرر موت جي آهي نہ ڪائي سند يا موسم
ادا آڏار ڪهڙي تي سنده غفلت مگر آهي

٨- صفا سينو رکج سڀ سان سدا رهہ رب سان پورو
"مسافر" قيمتي توشو اهو مٺو ثمر آهي

## (١٤١) بيدار ٿيءُ

١- عمر جا آرس ۾ وئي، سا رات هئي هوشيار ٿيءُ
سج چڙهيو ٿي صبح ويو، اٿ ننڊ مان بيدار ٿيءُ

٢- ڪاڻ ڪا ڪئي قوم جي خدمت تو صد افسوس آه
خير، گذري، سا گذر ٿي هاڻ ڪي تيار ٿيءُ

٣- قوم جي خدمت جون واٽون ڪئين ٿيون تون ڪاٻ وٺ
ڀاڪ "خَيرُ النَّاس مَن يَنفَعُ" جو ڀاڱيدار ٿيءُ

٤- جي خدا توکي عطا ڪيو علم، طاقت يا هنر
پوچ آهر پنهنجي پاڻون قوم لئي ٻاڪار ٿيءُ

٥- بخل ڪيو تو علم ۾، طاقت ۾، ڍا تو منجهه هنر
ڪهڙي ڪم جو قوم لئي ٿئين؟ ڪير اٿن نادار ٿيءُ

٦- مهر مالڪ جا ڪئي ٿيو تنهنجو شڪرانو اهو
جو ڏسين بي پهچ پاڻئون تنهن جو تون غمخوار ٿيءُ

٧- ناهين تنها، پاڻ ڪي چائين تو تنها بي سبب
خادمن سان قوم جي خدمت ۾ ڀائيوار ٿيءُ

٨- ياخدا! هر فرد آهي حضرت احمد (صلعم) لئي
پنجي خدم قوم جو راهبر! تون ئي راهدار ٿيءُ

٩- ڪر عطا ايمان جي سگهه بخش تون توفيق جام
پار پڙو قوم مسلم جو تون ڪر آڌار ٿيءُ

١٠- جي تون منزل ڪامياٻيءَ جو "مسافر" طالبؤ
سر بسر ساغر صداقت جي سان تون سرشار ٿيءُ

## (١٤٢) هوني اچڻ لاءِ آزي

١- تو وچين منهنجا مدا! ايندين ڪڏهن سولي وري؟
خواب هوم جيڪو لڌو سو آهو اج آخر پري

٢- تو وچين چاڪاڻ سون اکين اکيان اي نور عن
تنهنجي هوالدي هئي هتي سون لاه ڏاڍي دلبري

٣- درد دل ۾ آهه جيڪو سو ٻڌايان ڇا ڇئي؟
وبل هن آهم واويلا ويئي دل تان وري

٤ــ حال هيءَ منهنجو ڏسين تون تو وڃي اي جيءَ جيار
مهر سان موٽيچ سڪهو منٺار نه نه ويندس مري
٥ــ شل خدا تو سان هجي همراهه هرڪنهن حال ۾
شل ونگي ٿئي ڪينڪي ڦل وار تنهنجي جي ذري
٦ــ رک ڏٿيءَ ني آسرو هردم "مسافر" دل نه لوڙهه
هرطرح پرتين پرڏين رب ڪسي ڪنده رب ڀيري

## (١٤٣) آدمي يا پري؟

١ــ اي سڄڻ سچ چئو ته تون ڇين آدمي يا ڪا پري؟
تنهنجي اک جي هڪ اشاري مون سندي دل ڪئي چري
٢ــ مج ته چئو "شمس الضحيٰ" آهين ڪه تون "بدرالدجيٰ"
چيز ٻي ڪهڙي هجي جهڙي منور ٻي وري؟
٣ــ زلف جي ڪاراڻ مان رخسار ذرڙا تو ڏسان
اِيءَ نجل آهه اهڙو جهڙي شب تارن ڀري
٤ــ تير مزگان تنهنجي جسي سامهون ٿيو ڪوئي دلبر
ڪوه تو مون ڪسي سچهي جيڪو ڪري زوراوري
٥ــ محب ٿيو مجنون "مسافر" جوڙجڪ تنهنجو ڏسي
دمت قدرت ڪئي عجب جهڙي اتي ڪاريگري!

## (١٤٤) مان صدقي

١ــ ڀلي آئين اڱڻ منهنجي مٺا منٺار مان صدقي
قدم تنهنجي مٿان دم دم ٿيان دلدار مان صدقي
٢ــ نسيم وصل ڀل آئي چمن دل جي ڪي ٿي رونق
ٿوي اڄ قلب جي مکڙي مليم مهندار مان صدقي
٣ــ سڪئي توليءِ ٿيون سالون اڄي هن وقت ٿئين واصل
ٿيو اڄ بخت مون بالا ڪيم ديدار مان صدقي

۴- ڪريان اڄ عيش ۽ عشرت سڌائي پنهنجا سڀ سرتا
اڄن ان محفلِ عشرت ۾ پيارا وار مان صدقي

۵- سڪائون جي ڪيم ههسين ڪريان سڀ سر ادا دل سان
سنديم دل جون مرادون سڀ پڄيون هڪ وار مان صدقي

۶- سڄڻ سينگار مجلس جو اهي هت خير سان پهتو
"مسافر" خدمتون ڪريان اکيان سردار مان صدقي

## (۱۴۵) وداع جي رات

۱- آهه ارمان مٺا! رات وداعي آئي
ڳالهه آڪلي ٿي هيئڙو ڪاڻ ڇپان مون ڪائي

۲- ماه هئي! دل جو اڃا ڪونه وڌيوسون احوال
قرب تنهنجي سان مٺا! ڪالهه اڃا دل ڏائي

۳- ٿورڙا ڏينهن اڃا توکي ٿيا هت آئي
توٽي موٽي تو ڪرين محب وڃڻ جي وائي

۴- آهين تون شمع شبستان اسان لاءِ مٺا!
تو سوا آهه مٺا پيارا هتي اونڌائي

۴- يا خدا! اڄ نه ڪري محب اسان کان تو وداع
مهر سان جلد سلائيج پرين ساڳيا ٿي

۵- هوءِ "مسافر" شل الله نگهبان سنده
تنهنجي برجاه ڪري آس خدائي سڀڪائي

## (۱۴۶) شل جدائي نه پوي

۱- ڪاڻ ڳجهي شل محب سان ڪنهن کي جدائي يا ڏٿي!
ڪالهه آهي ههڙي ئي حالت آٿائي يا ڏٿي!

٢- هي جدائي آئي هوندي پيش هڪر جنهن سندي
تنهن کي، ڪل هوندي ڇڳيءَ ۾ هن جي جائي ڀاڙلي!

٣- جيءَ جدائيءَ ۾ رهي جانب جي آن تہ ۾ رکيو
هاج نٿي سالم هٿن ڪـان ڪانہ ڪائي ٻا ڏٺي!

٤- بندگي طاعت وڇـوڙي ۾ وظيفو يـار جـو
تـــي رهي جانب جي رکئو وات وائي ٻا ڏٺي!

٥- يا خدا منهنجا! ملائين محب تون مون کي وري
روز شب آزي ڪرهان تـــو در اهائي ٻا ڏٺي!

٦- ڪهر ”مسافر“ يار موٽي خير سان منهنجي اچي
ڪج سفر ۽ حضر ۾ سڀڪا سٺائـي پـا ڏٺي!

## (١٤٧) پيري ۽ جواني

١- پيريءَ ۾ ٿي جوان، جوانيءَ ۾ پير ٿي
يعني ٻنهي وهين ۾ تون سالم سڌير ٿــي

٢- پيريءَ ۾ چست چاق جوانن مثل رهـي
ڪنهن ڪرت ڪار ۾ تون ڪتل قابو ڪير ٿي

٣- منجهہ عشق حق جوش جوانن جو جذب ڪر
بيشڪ بقا جي بحر ۾ پوءِ بحر مير ٿــي

٤- پيري رندي نہ راه هنئين جي همت سندي
مستي ڇـڏي سلوڪ ۾ روشن ضمير ٿي

٥- اي نوجوان! رهہ تون جوانيءَ ۾ شاد ڪام
پر دامہ حرص ۾ نہ تون عاقل! اسير ٿي

٦- رهہ بـردبـار سرس پڏن ڪـــان شباب ۾
ڇڏ ڇوهہ تہ ٽڪر ڪي ٿري بارڪير ٿـــي

٧- قابض رهي تون حرض هوا تـي ٻڌن مثل
خوف ِ خدا ۾ مـرد نموني پـذيـر تـي

٨- ٻڌڙن مثال غــور تون ڪم آڻ هر جڳهه
واقف وجود پنهنجي جو ورانهه تون وير ٿي

٩- جوش ِ شباب ڪم تون جهيڙي ۾ آڻ ڪم
پنهنجن سان ٻاڻ ساري سدا ڪنڌ ڪير ٿـي

١٠- هرگز سوانهي نه توکي سوالا! ٿي سيٽ قوانڊ
تنڙي نظر زمين ني ڪڙي هل گنهير ٿي

١١- تنهنجا وڏا گذر ٿي ويا تن ني ڪيم مرڪ
علم ۽ هنر ۾ ٻاڻ تون تن جو نظير ٿـي

١٢- جيئن جيئن "مسافر" آهين ٻڌو توڙي جوان
ڪي هن ڪلام قرب منجهان پند گير ٿي

نوٽ:- حيدرآباد جـي هڪڙي مشاعره ۾ سون مصرع طـرح ڏني هئي:- "پيريءَ ۾ ٿي جوان، جوانيءَ ۾ پير ٿي" انهي مصرع طرح تـي سيني شاعر خيال آرائي ڪري آيا هئا. سون انهيءَ مشاعره ۾ هيءُ غزل پيش ڪيو هو.

## (١٤٨) مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي ياد ۾

١- ڇ سنڌ ساري ۾ ڪوبه ڏسجي ٿو مرد جنهن جو مثال ڪوئي
سو خانبهادر هو مير صاحب جنهن ڪي ساري ٿو سڪ روئي

٢- يتيم پرور سدائين همدرد هو سو هيڻن ۽ بيڪسن جو
وطن مي واڌاري وسداري جي غم ۾ رهندو هو ڏينهن سجوئي

٣- سمورو جاڳير ۽ زمينون نظر سيالپ جي سان هلايئين
هو سرس سرڪار ۾ سماڻو، ابو رعيت سندو هو سوئي

٤- ڪمائين تعليم جي ترقي غريب غربي جي لاءِ دل سان
خزاني خرچ سان ان ۾ ڪشادي دل سان لڳو رهيو ٿي

٥- ٻين جي بهبودي ۽ ڀلي لئي لنائي اڄ ڪمر لڪ اٿين ٿو؟
خدا خالق ڪان دان ڏهرا پرائي بيشڪ وڏو اهوئي

٦- سدا ”مسافر“ کي مهر مالڪ ۾ ڀروسو ۽ يقين آهي
تہ هوندو جنت ۾ شاد فرحان روح مرحوم مير جوئي

(آمين ثم آمين)

# پاڳو پيو

## متفرقه ڪلام

### (الف) مسدسات

### (۱) مسدس:- راحت

۱. روزِ- سعيد سحري ڦاٽو هو حاصلاتي
سيني سياه شب جي مان پرهه، پاتي جهاني
گهر پنهنجي پنهنجي کسڪيو تارن جو ياتي ياتي
۽ ”اَلصَّلٰوات خَيْرٌ“ تي سَرَ ڪيو صلواتي
ڇاتيءَ ۾ پنهنجي جهاني پاتي موڻ دم آنهيءَ ۾!
سپنو نه هو سڄاڳيءَ جا هئا قدم آنهيءَ ۾!

۲. ميدان خوش فضا ۾ راحت سليم مجسم
نوري وجود، نوري سرتاج، نور پرچم
راحت جي روشنيءَ ۾ ڇا وهم ڇا الم غم
بي غم ۽ باادب تي تنهس ملتجم آنهيءَ دم:
”راحت! تون راڄ راڻي سيڪو سندءِ سلامي
پر هي عجب، جو سيڪنهن وٽ ناهه شادڪامي!“

۳. محلات پر نفائس ۾ ليڪجهن تون عنقا!
جت گنج ۽ خزانا آت پڻ نه تنهنجي بُو ڪا
باغ ۽ چمن ۾ تنهنجي ني طالبن کي کهولا
بحرن، برن ۾ تو لئي پوندا ڏسون ٿا ڦٽڪا!
پرديس ۾ نه ڇڏ، پر تون ديس ۾ به ڪمتر!
سو ڇا سبب؟ ڀلا ڪو تنهنجو به ڳام ڪٿ گهر؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤- ماڻهن ڪئي ٻه مشڪي راحت هي درفشاني
جي "جڳ تو جيڪي سمجهي سا ناهه مون نشاني"
"ڪن عيش ۽ عياشي راحت جي ڄاتي ناني"
"ڪن ڪنج ۽ خزانو راحت جو سمجهيو باني"
"ڀر ڪوهه عيش ڪوڙا ۽ ٻن پيا خزانا"
"آلودگيءَ ۾ هرگز منهنجا اسي آشيانا"

٥- "منهنجو مڪان منزل بس آهه صاف دلوي"
"محل ۽ ٻنگيءَ ڏي منهنجو ڪس آهه صاف دلوي"
"اڻ هوند، هوند منهنجو رس آهه صاف دلوي"
"پرديس، ديس منهنجي جس آهه صاف دلوي"
"خور، خفت، صاف دل سان ڪم ڪار صاف دل سان"
"گفتار صاف دل سان رفتار صاف دل سان"

٦- "جي دل صفا رهي تان ڏک ڏک نه آهه هرگز"
"گرد و غبار گردش ٻي ڪا نه آهه هرگز"
"آئينه سڪندر ڪي ڪک نه آهه هرگز"
"ڪي سون زنگ ڪس جي ڪا جک نه آهه هرگز"
ٻن محل صاف دلويءَ ري ڪوهه پيا خزانا
سان صاف دل "مسافر" سانڍ سزا شهانا

## (٢) مسدس:- سچ

- ڪنهن محل مون ڪيون ٿي ڪي رات سان رهائيون
ٻي روح رنجهه ڪئي سون ڪهنيون ڪري ڪهائيون
جهري سان چنڊ چش جون ٻي اونٿيون امائيون
تارن تماشبين تي سانڍي اکيون ٻي تائيون
ٻريات منهن ڪيڍي آت ڪئي "هوش!" "هوش" وائي
ٿيا رات، چنڊ تارن جا حرصلا هوائي

٢- حيرت ۾ هيڏي هوڏي جان سون ڪئي نهاريو
ٿي ننڊ وڃا ٿي تارا ۽ چنڊ ٻال ڏاريو
ٿي رات رئي ٿيڻ ۽ سون پيي سڄڻ سنڀاريو
سبحان! نئون نظارو پڻواسٽ اچي پڌاريو

سا قرب ڪال ڪيچي پنهنجو سرو سنڀاري
پيغام "جلد جاڳو" خوش طور سان تنواري

٣- پرڀات سان سائي ٿي هر جاڪ آئي
دانا چمن جي ڀارن ڪارڻ سان نيڪ دائي
مکڙين ڪلي خوشيءَ سان هيڪار خوش هلائي
فطرت جي تازگيءَ ڪان هر دل سري سکهائي

هل چل ملي پکين ۾ ٿي جاڳ ماندارن
سيني ٿي فرض پنهنجا ساريا سنڀال وارڻ

٤- آپ جي اڇال سهڻي جڳ نوبنو بڻايو
مشرق ۾ تخت سونو قدرت ڪئي وڇايو
سر پائي تاج سوني سج پرات دڳو ڇمايو
سيڪنهن ڇيو لڪن جو ڏاتار آيو آيو!

هر ۾ رذل آمر ڪان هاري به چست هاڻي
هرگز نه ڪک ڪجهه جو ڪو خوف دل ۾ آڻي

٥- چل قل ٿي چهچٽي سان شهرن، ٻڪن، گهرن ۾
باغن، پٽين، جهنگن ۾ بحرن ۾ ۽ برن ۾
سينهن، ڏڪيڙ، ريڍن ۾ ٻڪرين ۾ ۽ ڦرن ۾
بي ڏڙڪ ٿيا "مسافر" جهر جهنگ ۾ نرن ۾

سو سج ۾ رنج آهي، جو ڇور آهه ڇمڙو
پيو جڳ سڄو خوشيءَ سان پنهنجو ڪري ٿو ڪمڙو

٦- صاحب تون تاج سونيءَ جو آهين سڄا برابر
سورج منڊل جـو حاڪم آهين سڀلو سراسر
"موسيٰ" جيئن هو "هٰذا رَبّي" ڏسي سڏيندو ڪر
پوءِ "لا اُحِبُّ" پاڙهيو واتان "رب" اڪبر

قـــادر بڻايو تـــوکي جڳ جو وڏو وسيلو
برسات، گاهه، پاڻيءَ جـو قدرتي تون حيلو

٧- لک جا سونهن اسان کي تون تو سبق سکائين
تـــون هيڏي اوج عهدي اقبال وارو آهين
تہ بہ جنهن گهڙيءَ گرهہ، تو پاڻ تون پسائين
تنهن وقت دل تو قدرت قادر جي ڏي ڇڪائين

ان مان اسان پروڙيو محتاج تون بہ ڪنهن جو
نوڪر غلام، منجهہ هر ڪم هاج تون بہ ڪنهن جو

٨- دل ۾ جيي چڱيءَ پر ني تنهنجي بي ريائي
هڪ جهڙي هر جڳ تـــو پهچائين روشنائي
برسات، ساڪ، سردي، گرمي، جهڙ ۽ نوائي
تو وٽ نہ دوست دشمن جي ڳالهہ آهہ ڪائي

بي شڪ اهـــا عدالت ٿيو حق جـو نمونو
سيني جي اِيءَ صداقت ٿيو حق جـو نمونو

٩- تنهنجي چڙهڻ لهڻ مان ثابت فنا ٿئي تـــو
ڪنهن ڏينهن کي نڪي ڪنهن شب کي جتا ٿئي تو
هڪ ڪردگار جـــو ئي قائم بقا ٿئي تـــو
ان جي ئي پاڪ حب مان حاصل لقا ٿئي تو

من ۾ رکي صداقت. سچ سوچ ڪر "مسافر"
منزل جو ڪهڙو پوءِ ٿيپ سوچ ڪر "مسافر"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## (٣) مسدس برسات

١- ويساک جو مهينو جنهن ۾ لڪون ۽ جهولا
جڻ آسمان آڇليا ٿي گرم گرم گولا
ڪڙڪيو ٿي ڏينهن ڏکڻ جو ۽ رات جو ٻه رولا
ڪن کي پکا هئڻ ۽ ڪن جا ڪکڻ ڪتولا

برسات ڪا پوي! هئي اِيءَ وات سڀ جي وائي
ري مينهن مهر جي ڪٿ ٻي واهه هئي نه ڪائي

٢- ڌرتيءَ جي هاءِ! ڇاتي ساري سکي ٺڪر ٿي
ڪٿ هو نه گاهه ڪوئي جي ويا مڙي ٻه ٻر ٿي
واري ٿري ترابن جسي ۽ آڌائيءَ سر ٿي
وئي جوت سڀ جهڪن مان شهري ڏٽڻن ۽ ڍر ٿي

ان حال ڪٿي نه ڪوڪي کوپن جي تن ۾ ڳارو
ڳڪدام ڳاهه پاڻي پورو پسن نه چارو

٣- هارين هنيا لهي ويا دل سست ڪئي سنگهارن
پروردگار پل پل ٻي ياد ڪيو پنوهارن
ٿي بيقراري فطرت پسنديءَ بيقرارن
نيو نرتلو فلڪ ۾ منجهه نکترن سهارن

ات عرش جو هنيون پڻ بي اختيار ٿي پيو
هارڻ هنجن جي خاطر تهدل تيار ٿي پيو

٤- ڪئن آسمان پنهنجي پهرين وڏڪ متائي
سر مٿي لاهي چادر ڌونري لڳن ڍڪائي
ڪارن اچن ڪڪوريل ڪڪرن قطار لائي
تاڙي تنوارڙي ڪئي برسات آئي آئي

اوله اتر ڪان سوٽوا ڳڏ پوربي هوا سان
ڪا مهه تڏي لڳي سان اک پوربي هوا سان

٥- تان جو فلڪ وڄائي نوبت نوان نغارا
وڄ تي ڪنوار جهاتيون پاتيون ٿي ڏيئي وارا
شفقت جي شوق ڪڪرن پهرايا ويس ڪارا
آب آئي هر غميءَ کان نيئون وهايا تارا
دل ۾ خوشيءَ جي دهلن ڏڪو ڪئي لڳايو
سڀ پيچ پيچ ڪن ٿا هي "مينهن آيو! آيو!!"

٦- مولي جي مهر برسي ڌرتيءَ جي اڄ اڃائي
سر سبز سينو اُن جو سرڪي هينئر اماڻي
ڌر ڀر تلا ترايا ڀلٽيو پلر جو ڀالي
گل ڦل لڙيا وليس ۾ ولڪار سوچ ساڻي
برسات ريءَ بڪن ۾ جي ني وڻا ها ڀورا
ڏيهو ڏيس ٿا ٿاڏون اڄ ڍور سڀ سمورا

٧- آپ کي ڏني امانت ڌرتيءَ بخار سان جا
آب ڪئي ادا امانت لوڪن قطار سان سا
فطرت ڪشش ٿهي ۾ ڪئي اهڙي ڪار سان ڪا
ڪثرت ۾ نقطو وحدت لاثانين تار سان جا
پوءِ سوچ ۾ "سالڪ" برسات چو نہ آئي
تو ذرو ذرو جنهن جو تن کي اکو ٿي تائي.

## (۴) مسدس - هاري ۽ سيارو

١- مرحبا سڪ سان سياري جي ڪئي ڪنهن هاري
آئين ميهه مرن تہ سيارا ٿي سنڌ ۾ رت ساري
جان جا جهولي جلي سرءَ سڙي تو تاري
آهہ رت تنهنجي پلي منهنجي لئي برڪت واري
تڪ پچان پهنجو سمي تنهنجي ڏکيهن راتين سان
ڪم ڪريان خوش ٿي سڄو ڏينهن ٺڏو پائين سان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢- سارو اونهارو ڪو آرام نه هو مون کي نصيب
صبح ۽ شام ڪاهي منهنجي کي ڪوڏر هئي قريب
رات آڌيءَ ۾ لتاڙيون ٿي لڏيون مون ٿي غريب
خوف ۽ خيال اٿيا منهنجي اندر ۾ بي عجيب
پوک جي چانء کي هئي جهوري نه آبادي ٿئي
خوش زميندار ٿئي منهنجي به دل شاد ٿئي

٣- لک پلاڙيون ٿو هينئر پال ڏٿيءَ جا پانهان
پوک جي فڪر کان آزاد هينئر ٿيو آهيان
بس اُپت ان جي ڏسي روئڻ جا وڙ ورجايان
پورهيو ٿاب پسي رب سندا ڳڻ ڳايان
ڏينهوا سخت ڪمائيءَ جا سندم ٿيا پورا
نو ۾ ڪاٺڻ ٿا اچن ڇوچ مکڻ ۾ چورا

٤- تنهن تي هاريءَ کي ڏنو سهڻو سياري هي سماءَ
توکي شايد نه رکيو دل سان سندم پيو ڪو لقاءَ
جهوپڙي تنهنجي ڪکائينءَ ۽ آتر آئيند و واءَ
توکي ساهوت، مرينو، نه بلاڪيٺ پراءِ
ڪيئن سهي سگهندين پلا پورو سندم سخت سيات؟
ڪهڙي ونڊين تون ٻچن ٻارن پنهنجن جي لئي وات؟

٥- تنهن تي همت سان چيو هاري نه ”پولو ناهي“
”ناهي ڪائين جو ڏکر مچڙو ڪنداسون ناهي“
”پوءِ محلات نه مٽ منهنجي پنگيءَ سان آهي“
”پوءِ ڪلا ڪهڙي اثر کي جو اچي منجهه ڪاهي؟“
”ڪوسو ڪوسو ٿي رليءَ پنهنجي ۾ آرام ڪريان
نه موڙ جي مون کي حاجت نه رضائي ڪا ڏريان“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦- "سچ تو اينئن سان ڪري ڪرم اڳ ۾ اوڻا
"نينگ ننڍڪي ۾ لپا منهنجا ڏهن پٽ پوڻا،
"ڪرم ڪهڙو ڏ، هئي ڪهڙا رسائي ٿوڻا؟"
"ٿيون ڏسين خوف سين سڀ منهنجي نظر ۾ ڪوڻ"
ان نڪو ڏينهن جو ڪم رات جو راحت ئي گهٽي
منهنجي من گهي نه سنده رنوي گهٽي آهه وٺي

٧- تو ۾ ڪڪ ٻن جي گهٽائيءَ سببان ڏور سڪي
جهوپڙي ڪا به نه ڏڏ ڪير مکڻ کيهه جي ٻکي
تو ۾ ڳوڙ مٽ ٿو پلاڻن سان ڪري مالي رکي
هاضمي لئي نه لڳي او ۾ خورش ڪا به ڏکي
تو پٺيان ٻرسي اسان ڪاڻ اچها ايندي بهار
ڏيندا سرهيل، تمون موج "مسافر" هيڪار

## (٥) مسدس :- معلم

١- جو علم جو ڏسيندڙ سونهي ٿيو معلم
ڪٿ يي ڪري سو روشن علمي ڏيو معلم
سنڌي سڪائي اردو، عربي پڙهيو معلم
يا انگلش ڪ پرشن جو ڪوڙيو معلم
پوءِ ڪوڏڙي ڍڪي يا پهري جبوڪ چادر
شلوار، ڏاپ پهري يا سوٽ بوٽ ڪالر

٢- تعليم ۽ ادب جو لائق معلم آهي
جي ٻالڪ کي سچائي ۽ پنهنجو پاڻ ناهي
شايد چوي ڪو تڪڙو ٻاڙهن جي ڪم ۾ چاهي؟
هر فن معلميءَ جو سترو ۽ سهل ناهي
دل صاف نيڪ گهرجي ايمان تو به گهرجي
علم ۽ عمل جو ثابت نيشان تو به گهرجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳- نازڪ ۽ پاڪ جگ ۾ ننڍڙي ني جا حياتي
سا ڪن پلي معلم جـي ديس جا ڏسا پاتي
معصوم زندگي ڏي هٿ ان جي ۾ ٻلاڻي
خوف. خدا رکي سا ڪرلي ني آن ڪماني

ملڻو سچي معلم کـي رب کـان آجـورو
ڪهرجي رهڻ ادائيءَ ۾ فرض جي سو پورو

۴- سڪتا اکـر سيکارڻ ۾ فيض ڪان نـه خالي
ٻا چشم سو ٿو بنجي ٻي چشم جو سوالي
هـر رمز ٿـي معلم حق ترس جـي نرالي
ظاهر نظر ڏيڻ سان دل جي ٻـه ڏي اُجالي

ڪن زنـده دل معلم شاگـرد زنـده پيدا
پـر مـرده دل معلم جا چاڙتا ٻـه اهـڙا

۵- پـر اپترو معلم جـو فـرض لـاهه پـورو
تعليم اپتريءَ سان ڪم آن جـو ٿيو آڏورو
ڇو جو اهو نه قومي هڪ فرض ٿيو سمورو
گهر پنهنجي جو معلم ٿـي فرض ٿيو آجورو

ڪئين هاق ٿو سڌاري گهر پنهنجي کي وساري؟
آونده جنهين جي گهر ۾ ٻاهر ٻتيون سو ٻاري!

٦- صورت، ڏين، پٽن کي هـن فرض ۾ سنڀارڻ
مت پـالهنجا معلم کـي فـرض ٿيا سڌارڻ
ڪوشش ۾ پهچ آهر ڇڏجي نه ڪوبه ڪارڻ
ڪوشش ڪان پوءِ قسمت کي حق نه ٿيو ڪوارڻ

ان ريت وس هلائي پنهنجا ٿـو جـو معلم
سو رهنما ٿـيـو گهر جـو ۽ قوم جو معلم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧- مذڪور ڪن معلم جا مختصر ويچارا
دل سان هنداه هرڪو ليڪيءِ پرپا نظارا
دنيا جي علميت سان ڏئي دين جا اشارا
دل مان ڪڍي تعصب ۽ پيا ڪنا خسارا
ان پار جو معلم تنهن وٽ اڪٿ خزانو
حرڪت نہ آهہ ظاهر هوندس نہ پئسو آنو

٨- بحر- عطا جو آهي سوئي سچو معلم
دل باصفا جو آهي سوئي سچو معلم
سچ تي فدا جو آهي سوئي سچو معلم
پن حق نما جو آهي سوئي سچو معلم
هرڪي اتان ”مسافر“ مون فيض جي پرائي
برڪت پوي معلم جي فرض جي ادائي

## (٦) مسدس (برسات نمبر - ٢)

١- مهر مالڪ جي سان مس مس اچ آئي برسات
ڌو ڌن- باد بهاري مٿي ماڏي برسات
برقعہ ابر چنڊي برق ڪنوائي برسات
دهل ڏمرن سان بليا چم چم لائي برسات
ماه وارن تي سنپاربو توڪي ماربو تي ولن
خشڪ لب خاڪ سنده هجر ۾ دم ڪاٽيو ڪئن

٢- ڪل نہ ڌرتيءَ جي مڙي تابش آرهڙ جي ڪان
گاه جو ڪونہ رهيو روه زمين تي ڪو نشان
نيم جان ڍور بنيا مالڪ تن جا حيران
جوت وڙام، چڙي زيب ٿيو فطرت جو نهان
حب ۾ هيج مان هارين تي چيو ”اِ برسات!“
”ري اهڙ تنهنجي پلا ٿيندو جئڻ ڇا؟ برسات!“

۳- ڪن ڪڏا ڪيا وڃي پاڻ ۾ آن جا اِنبار
آس اِن تي ته سوا مينهن جي پولد وٺي ڏڪار
سر سنگهارن سندا مجبور ڪيا مال جي بار
ڪين ڏڌ، ڪيھ، مکڻ تاڙ ويو ڪاٿي ڪبار

آھ خالقت جي ڪيو ليڪ فلڪ تي به اثر
آپ رنو حال مٿي خلق جي ساڻ درد جگر

۴- پيٽ ۾ ساھ سنگهارن ڪي پيو نو آئي
جاھ هارين جو هنيون آھ، ٽيو نو آئي
زيب فطرت منجھ، وڏراه ڪيو نو آئي
خلق جو پيڙو وڃي پار پيو نو آئي

رب جي پار جي بيشڪ تون ٿي رحمت برسات
خلق جي دفع ڪئي تو صد زحمت برسات

۵- ڏور، تا لاڏون ڏين جهنگه سرون ڪن رانديون
نو پيري آس اميدن سنديون جهوليون آنديون
سي ٽراسيون ويون راھ، وٺي هيڪانديون
ڪيئن رهن ديد کان دلبر جي اکيون اڄ واندیون

تنهنجا هرجاه تي برسات مبارڪ ٿيا قدم
سنڌ وسي ٿي "مسافر" عرب ۽ هند عجم

## (۷) مسدس: قليلي

۱- سنڌ وڻدي ساڻ تنهنجو آغاز اي قليلي
ڪوهين سوين سنڌ ڏيو آواز اي قليلي
تو لاڙ ساڻ لڳايو رش راز اي قليلي
واسينگ جئن ورهين پئي ساڻ ناز اي قليلي

تنهنجن پنهي ڪلهن تي باغن بهار لاڳي
قول ۾ قليل تو ڪئي سچ ماڳري سچائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢- سرڪار ڄام شوري ڪـان تنهنجو منهن ڪٽايو
تنهن ملڪ کي آهت جو سچ فاعدو ڪٽايو
ٻڙيج تنهنجو رتبو آهـي ذرا گهٽايو
ته ٻه تـو نہ پنهنجي همت جو پير ڪو هٽايو
باغن ٻڙن ۽ قـائـم للڪار سا اکولي
مارين جي سوپ هرلن هاڪار سا اکولي

٣- "کولي سدائين آوٺي" تون لاڙ ۽ سڏائين
"لمهون" ٻه ٿي تون وهائي "اسڪيپ" ۽ ٿي ٻائين
ڪٿين واهه نوڙي ڪوٺا ٿي پاڻ سان وهائين
آت ڪٿين ٻٽن جا ٻٽ، تون ڏئي ريج ٿي رهائين
بس لاڙ ڪاڻ آهين برڪت سچي خدائي
ٻڙيج پلي پلي جيءَ تنهنجي مدد ڏسي آئي

٤- منهن ڪاڻ ٻچاڙي ناٿين تنهنجا ٻنـي ڪنارا
سرسبز جن تـي سيوڻ البـن سندا نظارا
تنهنجن ڪپن ڪنارن ۽ ڏيـا نـوان سدارا
تن ديس کـي بلاشڪ برڪت ڏنـي دوبارا
نئون نئون ڪو "ريگيوليٽر" ڪٺ پيٽ تنهنجي پاتو
"ماڊيول" ڏئي ڪڙين کي ڪٺ تو ڪيو ٻلاتو

٥- سهڻي اکي جا نـو ۽ رونق هٺي سفر جـي
سا ريلوي پچائـان وئي صفـا ڪتـرجـي
ٻيڙين جي سير سهڻي ۽ آئي دل تـي پرجي
رس ريجهه، سيربحرن جي، چش ڏني ٿي گهرجي
ٻيڙين جـون بندرن تـي برسيل هيرن ٻهيرون
وسرن آهي نہ هرگز تنهنجون هنئين کي هيرون

٦- هڪ پهرو تنهنجي ”ٽاريجن واري ڪن“ ڏڪايو
وچ سير ۾ هو ٻيڙيءَ تي زور آن لڳايو
ناڪئا ٽراس ني ٻيا حيلو نه ڪم ڪو آيو
سامهون ٿي موت سوارن جو ساهه هو سڪايو
حامي اچي ٿيو هادي ٻيڙي آتان ٽري وئي
ميني جي سر تان سچ اچ آئي بلا ٽري وئي

٧- قادر عجيب طاقت ڀاليءَ کي ”جا عطا ڪئي
سا تو منجهان قليلي! معلوم مون صفا ڪئي
پر آدمين کي اهڙي سکه بخش آڳي ڪا ڪئي
آلي سمنڊ ۾ قبضي ۾ دفع تن جفا ڪئي
آدم خدا جو ڳجهه ٿيو هڪ ان ۾ ڪوبه ناهي
مالڪ ساڻ من ”مسافر“ لائي فقط ڪو ناهي

٨- پارڪ ۾ وڻهي پسجن لهه چاڙهه تنهنجا سارا
”ڪاليج“، ”ڪاري موري“ نرمل ڀيا نظارا
آٿ تون وهيو وڃين جت منهنجا وسن پيارا
ساريو وطن وهائن تا نيڻ منهنجا نارا
آباد شال شاخن سوڌو رکيئي آڳو
ڳاجها، نصير، سالڪ ۽ ميرواهه، باڳو

٩- همنام تو سان مخزن پڻ نامور ”قليلي“
بحر علوم جو سو مٺو گهر قليلي
بس نظم نثر پڻ آهي ڪثر قليلي
سنڌيءَ انگريزيءَ ۾ خوب تر قليلي
هي قلب ڪئين رجهائي آباد سي بنائي
شاداب فائدن سان سڀ شاد سي بنائي

١٠- هن علم جـــي قليلي ۽ آب - فيض جـاري
مضمون ان جـــا برحق ٿـــي باغ پيا بهاري
معني مـــــراد جن جـــي ميوات ٿـــي ملهاري
اخلاق، علم جـــي ٿي ان ســان نظاره داري
ڪاليج تـــوڙي مخـزن قائـم هجـن سدائيـن
بائن موٽـــي "مسافـر" ديـســي انعمو انائيــن

## (٨) مسدس:- زال ذات جو درجو .

١- بي عيب پاڪ بي ضد هڪ رب جي ذات آهي
بي سڀ دنيا جي شيء ڪي ضد، عيب ذات آهي
ڏس هر بشر ۽ "شر" ڪَڏ قدسي صفات آهي
ٿيا داغ چنڊ منهن تي، ڏينهن سان رات آهي
"خُذْ مَا صَفَا" ڏري دل ۾ وه زال ذات ڏي ڏس
"دَعْ مَا ڪَدَرَ" ٻروڙي ان جي صفات ڏي ڏس

٢- معني ڏي زال جي ڏس پردو نون سمجهه صورت
آهي اَشَدَّ ان کـــي تعليـم جـــي ضـــرورت
تعليم ان جي سمجهن تا جـــي ڪڏا ڪدورت
ايمان پنهنجي جي ڪن بزدل اهي ڪا پورت
عفّت ۽ لـــڄ پـرم جـــو سينگار علـم آهي
همت جـــي صاف سينـــي جو هـار علم آهـــي

٣- ري زال جڳ سڄوئي ماتم جو گهر هجي ها
دنيا جو باغ سارو بس ٻر ۽ ٻر هجي ها
مردن جي ساري هستي سچ دربدر هجي ها
ڪنهن جو نه ڪو پدر يا ڪوئي پسر هجي ها
ڏس منجهه بهشت آدم، حوا بنان هو غم ۾
ري زال آدمي ٿيو ڪٿن ٿي خوشيءَ جي دم ۾

٤- جڳ جا ڏسي نبي ۽ اوتارا سڀ منياري
يا بادشاهه دنيا جا سڀ ڳڻيون قطاري
يا فيلسوف، عالم جي نامور نظاري
يا پهلوان رستم، دودا ڏسو نهاري
نپنا، وڏي وڏا ٿيا سڀ زال ذات هنج ۾
ميني خوشي براڻي زالن هٿان ڳي راڄ ۾

٥- ٻارن چلڻ نپائڻ ۾ ڪم سندس ڪٿن ڏس
خوراڪ خاص ٻارن جي لئي سندس لبن ڏس
معصوم ٻار اَن جي آواز کي چڪن ڏس
لولي سڻڻ جي ڪارڻ ڏئي قرب سان ٽوڪن ڏس
سچ پچ نه زال ڏاران اوندهه هئي انڌاري
ڪنهن کي امان سڏيون ها؟ ڪنهن کي سڏي پياري؟

٦- شرم ۽ حيا شرافت جو شان زال آهي
مهر ۽ وفا محبت جو سال زال آهي
هر مرد لاءِ عزت مسلمان زال آهي
بس روح مرد جي لئي سچ جان زال آهي
مشڪل سندس، ٿڪن لئي آرام آهي ڪافي
مرڪڻ سندس نه دل جي لئي دام آهي ڪافي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧- زيور نه، آهه عورت جي زيب لئي ضروري
شرم ۽ حياءَ سان ڪامل ٿئي سونهن آن سموري
مردن مثال همت سان دل رکي حضوري -
سر ڪهوري پنهنجي لڄ تان سا زال آهه پوري

هارڳي جي لڄ ڪهڙو ڪالا ڪنهن مرد هٿي بچائي
هٿيار هاس همت جيا تن ٺي لڄ رکائي

٨- جا پنهنجي لڄ بچائڻ لئي زال ٿئي سپاهي
ڪنهن مرد کي نه طاقت جو آن ڏي ٿئي نگاهي
گهونگهٽ ڪ برقعو يا اکڙي رواج ناهي
هر لڄ جي جا حفاظت سا دل اچي نباهي

شل زال ذات پنهنجو شان ۽ شرف سڃاڻي
پل ڪو ڪتو پٺولڪي اختيار ٿي نه آڻي

٩- جا سوپ قوم ۾ ٿي سا زال ٿي ڪٿائي
ڪم همتي جا قومي سا زال ٿي ڪڍائي
پٽ، ڀاءُ، مرد، پيءُ جو من ٿي سکهي مٽائي
عورت ڀلي جي ڄاڻي ڪئن مرد پڳ هٽائي

جا پنهنجي شان لڄ تي قربان آهه عورت
قوم ۽ ڪٽنب جي عزت سا شان آهي عورت

١٠- ٿي مرد، بدنظر جو ڪنهن زال ڏي ٿو چاهي
سچ پچ ته سو ڪميڻو مردود مرد آهي
تون ماءُ، ڀيڻ پنهنجي جو ڏس ادب نه چاهي؟
تئن ٻئي جي ڀيڻ، ماءُ جو پڻ رک ڏيان ٿاهي

جي رب ٻهچ بخشي تو کي ته ڪر تون شادي
پيو جڳ سڄو ”مسافر“ ڏيءُ، ماءُ، ڀيڻ، دادي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## مسدس: قرض مرض آهي

١- قرض سو آهه مرض جنهن کان پناهه ڏئي سائين
ٻيءَ کان وڇڙي ته ٻئن نائين ۽ ٻولن تائين
گهر سو برباد جتي پير اهي پاتائين
زندگي زهر ٿئي لوڪ لڄا ٿئي لائين
هيءَ ٿي منحوس ڪريو مرد کي نامرد وجهي
هيءَ ڪريو شينهن کي لوڪڙ جي مثل مرد وجهي

٢- هيءَ بري سائي بلا جنهن سوين برباد ڪيا
خانا آباد هزارين غير آباد ڪيا
هن هزارين ڏي هنيان شاد سي ناشاد ڪيا
هن گرفتار ڪي ورلي هوندا آزاد ڪيا
وات ۾ هن جي ٻرو وياج سندو رهه قاتل
زهر سر جنهنجي چڙهيو تنهنجو جيئڻ ٿيو باطل

٣- ڪاٺ کي جئن ڪا اڏوهي ٿي منجهو منجهه کائي
خاندانن کي ائين قرض گهڻو کوڙڪائي
بيچ ٻڌي ٻه جي غفلت نٿي اهو ات پاڙي
پوءِ اُن هوند جي آفت ٿي اکيون کولائي
آبرو خاڪ ڪريو قرض ته قرضيءَ مي چڏي
ڪاريو ڪٿئين ۾ حياتي چڏي، گوندر ۾ ڪڍي

٤- اهڙي آفت ۾ پيلا ماڻهو اهو چو ڦاسن؟
عيش جي ڪن تا التا، سيئي اول ان ۾ اڙن
مرڻي پرڻي ۾ ٻه خرچ اجايا جي ڪن
پڻ ڪپٽ پنهنجي آپت کان تا زياده جي رکن
قرض تن کي ته وڪوڙي وڻ وڻڙهيءَ جي مثال
وڻ وڻڙهيءَ جو وڻل وڻ ڪو ڏٺو ڪنهن نه نهال؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥- قرض جي ڪوڙهه کان آهي ٻه ٻچڻ جي ڪا وات؟
هائو، ڀهرپائين تون ڪر پنهنجن خرچن منجهه ڪاٽ
سادي گذران جا گهڙ پنهنجي اندر ۾ تون گهاٽ
پيچ ڇني ڪلن تون پري وات جا چشڪا ڇڏ ڇاٽ
پوءِ سچ قرض کي پڪ ڇاڻ ته ڪهڙي طاقت
جي اهي وبجهو ته بي ڏوڪ لڳائين تون لت

٦- مرني پرني تي لٽڻ گهر کي، ضرورت ڪهڙي؟
ناهه قرآن، حديثن ۾ ڪا صورت اهڙي
حال جهڙو هجي ڪرڻي آهي سورت تهڙي
هر گهرجي نه پوڻ قرض ڪدورت جهڙي
قرض کان فاقه ڪشي يار سچن بهتر آهي
ڪنهن ”مسافر“ کي ٻه ڪو بار ڪلن بهتر آهي؟

٧- خوش نصيب آهي سو جو قرض کان آزاد رهي
ان مناسب ته سدا شڪر خدا ياد رهي
گهرجي ان دل ۾ ته ناشاد سدو داد رهي
شاد ناشاد ڪري پوءِ خود دلشاد رهي
يا الاهي! تون رکين قوم کي قرضن آزاد
غير آباد ”مسافر“ جي، سي گهر ڪر آباد
(آمين)

## (١٠) مسدس:- رات راڻي ۽ ڏيهون ڏينهون

١- ڪنهن شام جو شفق تي وٺي شوش محل ساري
سج ويو سمهڻ انهي ۾ پوري ڪري سواري
جا ان جي منهن تي چادر موگي اهي پڌاري
تنهن جڳ جهلن ۾ ڪئي اونداهي ۽ ڪاري
ات ديدبي سان ڏوڪيندي آئي رات راڻي
ساڻي تي موج دريا سي دهلجي ويو ڀاڻي

٢- ٿي راتڙي وسائي هـالـي ڏسوان نظارا
آيا اول سلاميءَ لئي ته نڪڙ ۽ تارا
منهن ڀڪندڙ ڪنهين جا مسڪين ڪي لچار
سڀ جاهه پنهنجي پنهنجي ٿيا چست جام وارا

سگهڙو ٿي چنڊ ڇهرو پنهنجو اچي پسايو
تارن جي ميڙ سو ڄڻ مهندار هلي آيو

٣- چانڊاڻ ڇهڙي سان دنيا جي دلبري ٿي
چانديءَ جي اوڍي چادر ٿي ۽ خوش ٿري ٿي
ات حسن جي هڳا ڪان سا رات ڀٽي ڀٽي پري ٿي
جوڀن جو جوش آئي چخنن ۽ وڌي چڙي ٿي

چي ”منهنجو مٽ سگهي ٿي سو ڏينهڙو وري ڪيئن؟
هو ڪم ۽ جڳ نڪائي آهِ لولي ڏهان امان ڇيئن“

٤- آهن پتين ڪي ڪنوا سا ڳالهه سچ نظر ۾
هو روح ڏينهن جو ڪنهن ڪنڊ ڪرچ جي ڇپر ۾
آن رات جي وڻل سٽي ۽ هنئين هڪل ٻڌر ۾
چي ”راتڙي! رهي ڇا سگهنديءَ تون منهنجي پر ۾

”شت ڏينهن ڦينهن نالو منهنجو ڀڙو نه ٿو ڪو؟
خوف ۽ خطر بنان ٿيو هر جاهه منهنجو هوڪو“

٥- ڍپ ڏاءِ سان دنيا جون ڏاڙهون سدا ڀرين تون
چورن لچن لفنگن جي پٽ سدا ڀرين تون
راهي رهيا جي رڻ ۾ تن جا هنيان هرين تون
تنڊ پيڻ موت جي ٿي هتڙا اچيو ڪ ربن تون

سڀ مرد، زالون مون ۾ ڪن ڀورهيو ڪمائي
هيٺا هنيون وڏو ڪن منهنجي ٻسي صفائي“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦- جي ”جي نہ عاشق ڪي ڪو آرام مان ڪرايان
تو ۾ ڪري ڪمائي ڪو ڪيئن؟ ٿي سچ ٻڌايان
تنهنجي ڀلائي خاطر آءٌ پاڻ ٿو سي بچايان
مولا! جي طالبن ڪي آءٌ پاڻ ٿي وڃايان
قربانين جي قربن جي مون ڪان پڇ ڪهاڻي
چڱڪوڙ ڏينهن ڏٺيوا مان آهيان رات راڻي“

٧- ڪنهن موج ۾ ”مسافر“ ڪٿ هو پيو ڏڙو ٿيو
سنڌيءَ هل هنگامون مهتي اکيو ڪڙو ٿيو
چيائين تہ ”رات مائي! ڇو ڏينهن تو ڪڙو ٿيو
تون جي ٻڙي تہ ڇا ٻر، ڇا جي هوئي ٻڙو ٿيو؟
هڪ سچ سڏا! ۽ ڀاڇا آهيو اوهين برابر
مرندي نہ آن ٻنهي ري هرگز اسان کي ڪنهن پر“

٨- ڇهڙو ڇڏيو خدارا ڏيو هڪٻئي معافي
وڙهندا اوهين اسان جي ٿيندي ڪٿان تلافي
جوين سنڌ جي جهڳ مڳ بيشڪ سنهي ٿي صافي
پر حسن ڏينهن جي لئي سچ هڪ ٿي آهہ ڪافي
تن ۾ تپاس تون ڪر هو ڏينهن شينهن آهي
جي زال زال آهي، تہ بہ مرد مور ناهي“

## (١١) مسدس: عيد جو چنڊ

١- اي ماهہ! هونءَ تہ ماه بماه آهين جلوه گر
پر قرب ساڻ ڪوڙ ڪري تو ڏي ڪا نظر
اڄ پيلي سچ پوي ٿي سنڌ جابجا پچر
سچ جي لهڻ جا خلق ڳڻي پيئي پل پهر
ٽڪرين، ڏڙن، ڪڪڙ تان ٿئي تنهنجي جستجو
گهر گهر ۾ ۽ گهٽين ۾ رهي تنهنجي جستجو

٢- بيشڪ هلال-عيد مبارڪ مجال تون
تنهنجي ڏسي مچي وئيون جڳ ۾ مبارڪون
پوڙها جوان ٻار به ڪن خير جون خوشيون
منجهه مسجدن ملان ته هڻن خوب ڪڪيون
آندو ڏنيا ۾ عيد سڳوريءَ جو تو پيام
روزن پڄاڻان اهڙا ڏي خدا جي عطاءِ عام

٣- نو ڪي ڏسي ٿا ڪي ”قل“ ”ياسين“ ڪي پڙهن
ايمان ۽ امن ٿا خداوند کان گهرن
ڪي ايڪ شخص لک لک ٿا شڪر حق جو ڪن
سکهه صبر بخشي ساري مهيني ۾ ذو المنن
تنهن لاءِ ”عيد! عيد!“ جي گهر گهر ۾ ٿي پچار
هرڪوئي حال سارو ٿيو عيد لئي تيار

٤- مارن گهڻيا ٿي ڏينهن اڄها عيد ڏسي اچي
سڻندي ٿي ”عيد! عيد!“ انهن جي ٿي دل نچي
سڪ صبح جي ۾ رات ٿي لڇڪو ۾ تن رچي
نازڪ هٿن ٿي رنگ تو ميندي جو رچ رچي
ٿئي صبح تيل سيٽ ۽ صابڻ لڳيو وڃن
ڪي عطر ٿا مکين ته ڪي سينٽ ٿا هڻن

٥- ٿيو صبح چٽڪ عيد ڪئي آسمان پي
سرسو هميشه کان لڳي سورج جو شان پي
ڇولڪن کهڻين ۾ ناهه ڪو ڪوندر ڪمان پي
ڏسجي فقير فقرو ڏسو سڀ شاد مان پي
چل پل خوشيءَ جي جهرمر ڪپڙن جي جابجا
ڏس ڏينهن عيد جي ڪي ڏنو شرف ڇا خدا!

٦- ڪائي ٻئي خوشيءَ سان ملن عيد ڏينهن ڪي
جت ڪٿجو ضرور ڪدا توڙي شاهه ڪي
ٻڪدل ني ڪن سوال سڀئي تا الله ڪي
ڪهڙو نه هو نظارو تو سيبائي ساهه ڪي
ني همڪنار ٻنان ۽ مومن ٻيا ملن
ڪرپو جاوس دين جو شاهانو ملن

٧- اڄ مؤمنن جا قلب صفا ني وڃن ڪپن
سڀ ڪلفتون جي سال سڄي جون توڙي ڪڍن
بس هٿ ملن رکو نه، دليون ٻن ملي وڃن
صدقي سعيد عيد جي سينا صفا ٿين
چاٻو امان ته عيد اهائي سڄي ٻچي
ورنه سري نه ڇٽبي امان کي خوشي سچي

٨- مؤمنا ننڍهن ني ڇنبي سنده عيد خوبتر
پالين جڏهن ته پيٽ رکو پنهنجو تون مگر
پاڙي پتيءَ ۽ پنهنجي غريبن لهج خبر
ڳولي يتيم خواه ڪا بيوه مدد نون ڪر
فطري جو حڪم آهه جو اسلام ۾ نيو
دلجوئي جوئي مقصد تنهن ۾ رکيو ويو

٩- جو اجتماع عيد ني ٿئي، سو رهي سدام
سڀ اتفاق ۽ ٿي رهي قوم شمل تمام
ڪهڙون جي قوم جون سي ملي ڪن ٻه سرانجام
پوءِ چئو ته عيد قوم جي لئي آهه صبح شام
ڏج قوم کي تون قرب ۽ سکهه صدق يا ستار
ڪج سان ڪرم قبول "مسافر" سندي پڪار

( آمين )

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## (۱۲) مسدس ( بطور ترجيع بند )

### ( مناجات )

۱- خدا وندا سڀني خلقت جا سائين
ڪرم ۽ فضل تنهنجو تون ناٿين
عنايت عفو تو سڀ ني سدائين
ڏٺي بي مثل بي چون حق آهين
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب و هاب

۲- گناهن ۾ ٿيس گم مان سڄوئي
شرم ڪان تنهنجي در دالهيان تو روئي
وسيلو تو سوا ساربان نہ ڪوئي
سند ه رحم ۽ غفارت سون اهوئي
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب و هاب

۳- سڄو احوال سائين تو کي روشن
هجي تـوڙي لڪل توڙي مبرهن
رني ناهي رڳا منجھ تنهنجي رحمن
رکيم لاتقنطـوا آڌار منجھ ســن
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب و هاب

۴- رکيم غفلت ڪان در تنهنجي ڪان دوري
قبوليم پنهنجي پل سائين سموري
آ ڪٺ تنهنجا ڪرم پنـدار نوري
ڪٿم ڪر مهر سان حاصل حضوري
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب و هاب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵- ڏسي دنيا جا هي دورا نظارا
ڏکي ٿـو ڏيل اي پروردگارا
امن ۽ پنهنجي رک سائين ستارا
هجن ٿل دور سڀ دشمن هچارا
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب و هاب

۶- عنايت تنهنجي بس سون لاءِ طاقت
عطا ڪر صبر جي سائين لياقت
نظارا فضل جا منهنجي حمايت
سدا ڏي شڪر جي سائين تلاوت
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب و هاب

۷- رضا تنهنجي جو رستو سون عطا ڪر
عطا دل جي همت علم ۽ حيا ڪر
ڪرم سان معاف سڀ سائين خطا ڪر
عطا احسان سان سائين سخا ڪر
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب وهاب

۸- نراسن کي ڏنيون آسون تو لاکون
عجب ٿيون زڪريا سارا ٿيون ساکون
ڪرم تنهنجي سان لاهيان آس چاکون
لڙيو ادبار نڪتيون بخت باکون
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رهائج لڄ پرم سان رب وهاب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩. ڏ اي سائين سنڌ کي آھ ٿالي
ڏسون جيڪي ناتنھن سڀ جو تون ٻالي
ڪھڙان سولڙي سنڌ ھي؟ مھرباني
ڇڏيان ھن جڳ ۾ ڪا لائق نشاني
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رھائج لڄ پرم سان رب وھاب

١٠. ڏئي جڳ ۾ تون عزت سان جيارين
ڪرم سان شاد ـ اعمال ٿارين
"مسافر" باڪرم برزخ آڪارين
آئي حربي؟ جي آست سان آثارين
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب
رھائج لڄ پرم سان رب وھاب

( آمين )



# (ب) رباعيات (رباعيون)

## نيڪيءَ بابت

ڄو قلب ڪرم، لطف، عطا جو ٿيو گهر
ٿي جاءِ تسليم جي رضا جو ٿيو گهر
نيڪيءَ جي بڻي جاءِ "مسافر" جا دل
سا دل ته قسم رب جو خدا جو ٿيو گهر

( ۲ )

نيڪيءَ سان سنده سوز ۽ نيڪيءَ سان ساز
نيڪيءَ سان سنده نياز، نيڪيءَ سان ناز
ڪوني به ڏمي يا نه، ڏمي ڇا ٿي پيو
رک نيڪ نيت ۽ رک نيڪي انداز

( ۳ )

پنهنجو نه ڪڏهن ڀاڱي پئي ٿو درياءَ
وڻ ڪين ڪڏهن کائي ٿو ميوا پنهنجا
بادل نه "مسافر" ٿا وسن پنهنجي لئي
ڪن نيڪ به نيڪيءَ نه پنهنجي تمنا

( ۴ )

هن جڳ ۾ نه بد حال به ڏسجن جيڏرا
بد دل به ته ظاهر منجهه ظلمن جيڏرا
پر ڪئي جن زندگيءَ جي ڪنهجي نيڪي
ڏاڍا سي "مسافر" واهه! وهسن جيڏرا

( ۵ )

ڪر سڀ ڪج نيڪيءَ جي نه نيت سان عزيز
نيڪي ڪر جي خدا ڏنهه ڪوبه تميز
هوڏه جڳ ۾ "مسافر" ٿيون اڪيچار شيون
پر آهه عجب جڳ منجهه نيڪي هڪ چيز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(٦)

جو نيڪ نہ ٿيو جڳ ۾ نہ خود ڪام سوئي
هـــر حال ٿيو خــوار ۽ بــد نام سوئي
رهہ نيڪ "مسافر" جي مڃين ڳالهہ سدائم
جـــو نيڪ ٿيو ٿيو خوش انجام سوئـــي

(٥)

شـــل دل ۾ هجن نيڪ خيالات مـــدام
هوءِ وات ۾ دائم شل نيڪيءَ جو ڪلام
نيڪيءَ جا ڪَمَن ڪاج ھٿئون شل يــا رب
پــڻ هـــوءِ "مسافر" شـــل نيڪي انجام

(٨)

نيڪي منهنجي زنـــدگي جـــو انجام رهي
نيڪن جـــي ٿـــي زمرہ ۾ سدائم گام رهي
يـــا رب! ڪريان نيڪ ۽ بد سان نيڪي
نيڪيءَ ۾ "مسافر" دل آرام رهـــي

(٩)

نيڪيءَ ۾ ســـدا رب پياري ســـون ڪـــي
نيڪن جـــي نظر نيڪ نهاري سـون ڪـــي
درگاہ سندءِ ۾ هي سوال آهہ ڏلـــي
نيڪن جـــي رکين شال پناري ســون ڪـــي

(١٠)

جئن آهہ ســدا نفع تـــي طامع جـــي نظر
جئن لالچ وارن کـــي وڻي ٿـــو ٿي زر
تئن ســـون کـــي لڳي شـــال پياري نيڪي
دل منهنجي سدا هوءِ بہ نيڪيءَ جو گهر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(١١)

نيڪيءَ کي عجب چيز نه سمجهو چالي
نيڪيءَ جو ٻيسي قدر به آ سو چالي
سچ پچ نه ڪنهين سان به برائي نه ڪري
نيڪيءَ کي ڪري نعمت جو ٿو چالي

(١٢)

نيڪيءَ جي عيوض جي ٿو ڪري ڪو نيڪي
تان ان ۾ نه انصاف ٻيو ڪهڙو ٿي؟
ان سان به "مسافر" ڪر نيڪي دل سان
جنهن چالي ٻجهي توسان هجي ڪئي به بدي

(١٣)

نيڪي ڪر دل سان ۽ دريا ۾ اڇل
پڪ ڄاڻ ته ٿيندي نه ڪڏهن ساري ڦل
نيڪيءَ جو اثر ڪڏهن به ضايع نه ٿئي
صد بار "مسافر" تون ڪجانءِ تجربو پل

(١٤)

مون سان جي ڪئي ڪو به برائي ٿو ڪري
دل منهنجي برائيءَ سان نه تہ به ان ڏي وري
آءٌ ان سان به دل سان ڪندس ٻيو نيڪي
توفيق جو هت شال خداوند ڏري

(١٥)

دل رحم سندي نور سان جنجي روشن
رب روح رکيا نيڪ تنهين جا منجهه تن
تن دور ۾ انسان ۾ ڪيو فرق ٻـڌر
پل ان جي ته هوءِ واه "مسافر" نه وطن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(۱۶)

انسان ڪـــي حيوان ڪـــو ليکي انسان
ڇا عقل نـــہ شخص جـــي ٿورو ارمان؟
دولت جي نشي منجهہ ڇڏي رحم جي وات
وڌ ان کان "مسافر" ٿي الڏائي ٿي ڪان

## نياز ۽ نئڙت

(۱۷)

جي نـــوڪي "مسافر" ارجمند ڪهرجي
جي نوڪي دنيا ۾ حق پسندي ڪهرجي
وٺ جان ۽ دل سان خاڪساري جي وات
نئڙي هل، جي نوڪي بلندي ڪهرجي

(۱۸)

ڦاري ڦر سان هجي پرڀل جا وڻ هي
دائم سان رهي نياز، نئڙت سان جهڪي
ٻاڦيءَ سان پرڀل ڪڪر نمي ٿو هرگز
ٿڻ نيڪ غني مرد جي نئڙت نيڪي

(۱۹)

طوفان لڳن سخت ڪـــرن وڻ مضبوط
بـــڙ ٻير، ٻير ٽـــوڙي وڏا شـــاهه بلوط
ٻر ڪانهه، سر ۽ بانس نمن واهه اڳيان
ٿئي وار نہ تن جو ڪو ونگو سان شروط

(۲۰)

جي ٻيو ٿيو زبردست تہ تون زير رهج
تون ڍال رهج ٻر نہ تون شمشير رهج
وڃجانءِ نہ "مسافر" تون تڪبر وڃهو
ڪو ڇانئي سوا سير تہ تـــون سير رهج

(٢١)

جو خاڪ نهن ڪان اڳي خاڪ ٿيو
بي خوف ٿيو سو سچ بي باڪ ٿيو
جنهن هٿ نرڪي نياز نئوڙت ورتي
سو جڳ معرض هو پر چاڪ ٿيو

(٢٢)

ٿي باغ سندي باد بهاري زينت
وڻ جي به ته بردار ٿي ڏاري زينت
خالق ڪيو انسان کي خاڪؤن پيدا
تنهن ڪاڻ "مسافر" خاڪساري زينت

(٢٣)

سچ صاحب دولت جي سخا ڪسو چنڊڻ
پر اهل قلم جي ٿـي سخا علم ونڊڻ
راحت جو "مسافر" تو گهري تنهن کي ڪيي
منجهه راهه روي فيض سندو خيمو منڊڻ

(٢٤) سنڌو ڳالهائڻ

هرڪنهن سان ڪيي نو ڪي مٺوئي ٻولڻ
تعظيم جي لفظن سان سدا چپ کولڻ
نو ۾ جي هجي نياز نئوڙت جو هر
پوءِ نو ڪي نه سرڪشي ڪاڪندي چولڻ

# (ج) قطعات (قطعا)

## (۱) تاريخ وفات زوجهٔ محترم نمبر ۲

حسرتا همدم رفيقم رفت
رحمت و مغفرت برش باد
روز هشتم ربيع اول بود
بر رخ جانفزا نقاب نهاد
قلب محسوس کرد اين سالش
عاقبت زوجه "مسافر" شاد

سنه ۱۳۴۹ هه

## (۲)

پيا تقدير موجب ٻير ٻيڙا ناهه وس ڪوئي
گهڙي نه ته روح جي تن کان جدائي ڪيراي جالي
هميشه هجر، وصل ۽ درد، سک يا ڪر سيون مرديون
پيون هڪ ٻئي ٻنهيان سنسار ۾ ڪن ڦير اي چالي

## (۳)

غم ته دنيا جو ڄاڻ برف جو ڍير
صبر جو سج ڪريس نـــو ڳـالــي
سک ٻنهيان ڏک، ڏکن ٻنهان سکوا
آهه عالـــم سڄي جـــي آڪالـــي

(٤)

ناهي دنيا ۾ دائما رهڻو
توڙي حيلا ڪٿي هزار ڪجن
هيءَ ڪهڙو هتي خوشي ڪهڙي؟
آهي اڪين جو ڏؤ سڀ ورو جشن

(٥)

پنهنجي خالق سان دل اڙاءِ سدا
ڪاٿ ليڪي پڇڻي نہ ڪر ڪو جتن
آهي، دنيا سراءِ ”مسافر“ تون
ڏيان ۾ رک حقيقي پنهنجو وطن

# [د] مفردات

۱- ڏي پري ساقيا محبت جام
تان چري ٿان عاشقن جو ڪلام

۲- يار سو ٻيلپ ڪري جو يار جي
منجهه پريشاني ۽ ڏک ۾ درماندگي

۳- مرادون مڙيون جوڻ پڄن ٿئي سدام
اسان کي به ٿئي رب رکي شاد ڪام

۴- ڏيپ نه يار ۾ دل نه لوڙهج، ڪيم تنهنجو ڏيلو ادا!
آه! هادي ۽ هٿ وٺو تون ڪٿان هيلو ادا!

۵- مقصد ڪڏهن ماڻيان منهن اي ۽ مستمان ٿيندس
يا ٻڌ رسي سڄڻ کي ٻا وات ساه ڏيندس

۶- ڏسڻ سان ٿئي نه رکڻو عشق پيدا
سڻي تعريف ٻڌن سو ٿئي هو ڀلا

۷- عجيبن جي عجب آهي نشاني
پچائي عاشقن جي زندگاني

۸- دل ٿي ٻهار جو تو اچي هٿ سلام ڪيو
تنهنجي سلام ڪان گهر دارالسلام ٿيو

۹- ڪجي انسان کي ٿي روڪ جنهن تان
زياده حرص رکندو ٻال تنهن سان

۱۰- ادا! ڪيئن تجويز سان ڇا وري؟
ٿئي هاج تيئن، جيئن خدا تو ڪري.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١- جيڪو ڪري مدائي ڪنهن شخص سان سراسر
سو ٿيو برو برائي هيت هُت ڏمي برابر

١٢- سچ دردمند دل سندو درمان آهه، دوست
دشمن جي چشم واسطي پڻ ڪان آهه دوست

١٣- چانئٺ تي تنهنجي يار جبين - نياز آهه
اِيءُ جاءِ نماز آهي، اهائي نماز آهه

١٤- فرقت جي باهه ۾ ٿي تتي ڏيکا دل ڪباب
فرقت جي رسم جڳ ۾ آلا آئي ڪهڙي باب

١٥- ٻي جياري جان منهنجي تنهنجي اُلفت جي ڇڪي
ٿو ڪيو سعيو سفر جو ساهه ٿو منهنجو سڪي

١٦- ٿو وڃين منهنجا مٺا موڙ ڪي روئاڙين يار ٿون
ڪا ته ساعت ويهه ساٿ ڇڏ تڪڙ مڏار ٿون

١٧- ساهه واري تي موت ايندو آوس
ناهه ڇٽڻ بچڻ نڪر جو وس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# [ر] مثنويات (مثنوڀون)

## (١) ثناء حق تعاليٰ

بِسْمِ اللهِ الرَّحمانِ الرَّحِيمِ
خالق، رزّاق، مُهَيْمِن، ڪريم

حمد هزارين تنهن حنّان کي
ربّ رچيو جنهن جسم ۽ جان کي

قدرت ڪامل سان رچيائين جهان
حڪمت شامل جو عجب آهه شان

قدرت ۽ حڪمت ساري عجيب
عفو ڪرم بنده نوازي عجيب

دل هر دانا جي کي لوري لڳي
ڪنهن نه سندس ڳجهه جي ڳجهارت پڳي

ذات سندس پاڪ ته، قدرت به پاڪ
پاڪ ارادا سڀ حڪمت به پاڪ

عقل کي آدم جي پلا ڇا مجال؟
قدرت اُن جيء، جي ڪري سر مقال

اُن جي اڳيان عجز ۽ عاڙي ڀڳي
اُن کان مدد هردم ٻهتر سڳي

رحم ڪرم خالق تي ڀاري ڪيئين
آدم تي ذات نياري ڪيئين

ان کي سکن لاءِ ڏنئين هرڪا چيز
عقل ڪيائينس عطا ۽ تميز

خاص سندس ظاهر نيڻرو پيار
جو ڪه مُڪئين مُرسل نرمل لباز

جي نہ لبين تي ها پلئي ڪلام
هوند ها حيوان هجن خاص عام
شڪر لکين تنهنجا خدا ء عظيم
اسان جو ٿيو مهندار محمد ص ڪريم

خاتم نبين سندو عاصين اجهو
شافع عصيان محمد (صلعم) سچو
آن تي ڪيو نازل قرآن تو
فيض پيدو فائق فرقان تون

مهسين مٿي جام صلواتون سلام
آل ء اصحاب سندس تي مدام
ها سي هدايت جا ڏيا سربسر
لخت نبي جام جا جاني جگر

فيض ملين صحبت سرور سندو
تن جي ڪلا ڪوئي ندورو ڪندو
ڪن ته ها جي صدق سان سعيو تمام
ڪيئن ٿئي ضايع ڀا مبارڪ ڪلام

ڪيئن ها پڌون دين جي گفتار ڪا
ڪيئن پوي اسلام جي عمر چار ها
برگ ابوبڪر رضہ هو صادق سچار
عادل فاروق عمر رضہ جام ديار

حضرت عثمان رضہ جو حلم و حيا
حيدر رضہ ڪرار جو علم و سخا
نور نبي حضرت حسنين رضہ ها
لخت جگر حضرت خيرالنسا رضہ

جڳ ڪي اصحابن هو ڪيو با خبر
قرب "مسافر" دل سيني جو ڏر
مهسين صلواتون ۽ هزارين سلام
آل ۽ اصحاب تي پڙهہ صبح شام

## (۲) مثنوي: مناجات

خالق ستار سميع ۽ بصير
مالڪ غفار غني ۽ قدير

وحدت پنهنجي جي محابي خدا
حق ۾ مکي مدني مصطفيٰ صلعم

حرمت ـ صديق رضه جي صدق و صفا
حرمت ـ فاروق رضه جي فيض ۽ نيا

حرمت ـ عثمان رضه غني ٻنا حيا
حرمت ـ حيدر جو علي رضه مرتضيٰ

حرمت ـ حسنين شهيدن جي
بضعت ـ رضه حضرت جي ۽ حرمين جي

حرمت ـ اولاد نبي نيڪ نام
حرمت ۾ ڪل صحابه ڪرام

عابد ٻانهن جي عبادت ڀلي
صالح شخص جي سعادت ڀلي

بخش سون بدتر جا خدايا گناهه
رحم سان ڏيکار هدايت جي راهه

بار گناهن کان آهيان شرمسار
شرم رکجمن رب ڀروز ـ شمار

بخش ڪرين سهو، خطا يا عزيز!
عزت هيت هت عطا يا معزيز!

آهين آچائن جو ڏئي چاڻ تون
آهين نمائن جو ڏئي مان تون

پنهنجن عملن تي رکان ڪانه آس
خاص سنده لطف جي، آهيم ٻاس

ڪر تون ڪرم ساڻ مهر سون عطا
نفس ۽ شيطان ڪنان تون ٿي بچا

آيت "لاتقنطوا" آڌار عجيب
رحم پيو نادر ڏکتو "اُجيب"

پيو لــم، رم، ڪيم "مسافر" ملول
آهــ هتي عجز ۽ آزي قــبـــول

(٣) مثنوي : خطبه جمعه نماز

سڻو اي مؤمنو! دل جي ڪنن سان
نصيحت هوش سان، حب ساڻ من سان

اول گهرجي رکــڻ دل صاف پوري
دنيا ۽ دين جي ڪم ۾ سموري

ڪپٽ ۽ کوٽ دل ۾ ڪين گهرجي
رکڻ پنهنجو هنيون مسڪين گهرجي

عوامن سان عزيزن دوستن سان
ڪجي جيڪي ڪجي سو صاف من سان

ڪيو قرآن ۾ رب حڪم ارسال
رکو سڀ قلب پنهنجو صاف هرحال

صفائيءَ دل جي ري سڀ ڪوڙ آهي
عبادت عاجزي مقبول ناهي

ڪرڻ گهرجي نه آدم کي وڏائي
وڏائي رب کي سونهي ٿي جائي

ادا ٿيو خاڪ مان آهين تون پيدا
وري پڻ خاڪ ٿيڻون آهين برجا

ڪني فطري مان ٿيو اچ هيڏو آهين
نڏهن چو هٿ ڪريو سينو ٿو ساهين

محمد مصطفيٰ عربي همه‌شان
ڪندا ها سوال ٿهوڙيءَ پر خدا کان

اگهائج يا خدا هڪ ٻيءَ سون دعا تون
سڙن جيئن غريبي ڪر عطا مون"

ڪريو اي مؤمنو پنهنجو ڏٺي ياد
رکو دل پنهنجي رب جي ياد سان شاد

ادا آدم ۽ جيسين ساهه آهي
دنيا جو ڪو ڏنڊو ڪتلوئي لاهي

ملايو ڪا ڪهڙي دل پنهنجي رب سان
ڪڙا ٿيو آن اگهان ڪو دم ادب سان

سچو رب سان اوريو حال پنهنجو
ڪريو روئي ولس احوال پنهنجو

ادا آهن ڪليل توبهه سدا در
ڪريو توبهه سچيءَ دل سان هيڪر

ڪريو توبهه گناهن کان سچا ٿي
پنو رحم ۽ ڪرم دل سان سچا ٿي

خداوند آهه راحم ٻاجهه وارو
ڪندو بخشش، هدايت، چوٽڪارو

دنيا ٻارو گذر جو ڪم آهي
سدا ڪنهن کي نه هت آرام آهي

ڏٺيءَ جي يادگيري ڪم نه ٿي ايندي
عبادت ٿي اگهان آڌار ٿيندي

هتي هر ڪو "مسافر" ڏينهن لئي چار
همت ڪر، ڪر ڏليءَ کي ياد اي يار

## (٤) مثنوي: بيان عشق

قدرت قادر جا رکي منجهه جهان
فطرت خاطر جا هتي سڀ شان

تنهن ۾ آهي سان آلو با ڪمال
جاچي ڏٺي ڪجهه نه اسان جا مجال

ارض، سما، بحر، بر ۽ آبشار
باغ، شجر، گل سڳنڌون ۽ هزار

جيسين جناور لک رنگارنگي
طرح طرح مرغ گهوڙا سنگي

نن تي نظر غائر جيڪي تا ڪن
صُنع ثان صانع کي ڏسن سي تا من

فطرت، تبديل، ثبوت ۽ ڪمال
محب حقيقي جو سڀڪو جمال

محب ڪسهو من نه صبوري ڪئي؟
محب ري پاندي ٿئي پوري ڪئي؟

آس سنديس وصل سندي تقويت
جڳ ۾ عشاقن جي رهائي ٿي پت

باقي مجاز آهه بهانو رکيو
طرز حقيقيءَ جو ترانو رکيو

پوش بنان پاڪ لڳي شيءِ خراب
مشڪ ڍڪيءَ ڏارڻ ڪو رکيو جناب؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روح حقيقت ۽ حقيقت طلب
ناهه سمدس ڪال ڪثافت طرب
ڪهڙو لطافت سان ڪثافت جو ڪم
ڪنهن ڪم جو ناهه هڏو ماس چم
آهه سندو جوهر جوهر ڏي مهل
پڪڙ گري آهه ڪشش ربل چهل
عقل ۽ ادراڪ جي درڪار آهه
جاهل جي طعنه زني ڪار آهه
عقل سدا امر تي من جي تلي
من رهي محبوب حقيقي ملي
پوءِ تو درجن تي رکي عشق آر
من جي صفائي تي "مسافر" مدار

## (٥) مثنوي:- حياتيءَ جو شغل

چو پڇون ڪئن ڦلاڻو ويو تي گذر؟
پر پڇون ڪئن ڪيائين عمر بسر؟
ڪين پڇنداسون ان جي حيثيت
بلڪ ڏسنداسون دل جي ڪيفيت
ڪو نه ڏو ساهه هس غريبن تي؟
درد دل ۽ ڪو هس يتيمن تي؟
ڪي سڃاڻائين پنهنجن فرضن کي
جي خدا ها رکيا ذمي ان جي
لوڪ آڪهيائين ڪي غريبن جا؟
ڪم ڪيائين ستم رسيدن جا؟
ان جي ڳالهه ۽ ڪو هو ميناج؟
مرڪ ۽ مشڪ سان رکيئين خوش راج؟
خوش ڪلي ڪنهن کي ڪو ڪلايائين
ڪنهن جي دل جو ڪو گل ڪلايائين

جي انهن جو جواب نيو ”هاٺو“
وڌ ”مسافر“ سو ماڻڪان ڪاٺو

## (٦) مثنوي:- زماني جي گردش

پساڻي زمانو عجب رنگ ٿو
ڪڏهن محل ماڙيون ڪڏهن جهنگ ٿو
سچا سو بنائي ٿو ڪوڙا ڪڏهن
ته ڄاڻن ڪي ماڻائي جهوڙا ڪڏهن
وڃن لاڙها ڇاڙها ڏريو نيٺ ٿا
ڀون ڪوڙا شعلا ٿريو ليٺ ٿا
ڪڪر ڪوڙ جي ڪي وڃهيو نيٺ چير
ڪري سچ جو سچ پنهنجي ثابت ٿو سير
ڪڏهن سون ڪپ چڪ ۾ نيو ڪو ٻتل
رهي سچ ٻه ٽن ڪين هرگز لڪل
ٿئي سچ جو هر حال ۾ امتحان
”مسافر“ صداقت جو رک من نشان

## (٧) مثنوي ثناء حق تعاليٰ

شڪر رب جو چمار ٿون ساري
پنهنجي چپ تي رکج سدا جاري
آهه الله ڪي سدائين بقا
جيڪي هيو آهه ٿيندو سڀ سو فنا
ساري جڳ لاءِ سو ئي ڪافي آهه
ان سوا ڪنهن ۾ ٻئي جي پروا ناهه
سو ئي ساري جهان جو خالق
جڳ سڄي جو اهوئي رب رازق
آهه حاڪم سو بحر ۽ بر جو
سڀ جي مالڪ هجڻ جو نيس درجو

عرش کان تر زمين جي نائين
بادشاهي سنڌس سدا پائين
هن دنيا هن دنيا جو شاهنشاهه
ساري خلقت جو سو ئي پشت پناهه

هر ڪنهن جاءِ آهه ان جو ظهور
هر ڪنهن شيءِ ۾ آهه ان جو نور
پڌرو آهي ٻئي هر ڪنهن شيءِ ۾
پر لڪل آهي جنهن تنهن شيءِ ۾

ويجهڙو سو اسان کي هر دم آهه
سو ئي ڏسندڙ اسان جو هر ڪم آهه
جيڪي چئون ٿا مٺي سيني سو
دل اسان جي جو ڳجهه پروڙي سو

ان کي ڳائڻ سڀن جو ڪم ضرور
ڪم ان کي ڄمڻ ڄلڻ جو ضرور
ان جي پوري ڪريون اسين ساراهه
اهڙي هرگز اسان ۾ طاقت ناهه

ان کي هر حال ۾ سڏڻ گهرجي
ان کان هردم مدد پنڻ گهرجي
جيئي جري ذڪر ان جي ۾ هردم
من "مسافر" کي فڪران جي جو ڪم

نوٽ: سنڌي نون درسي ڪتابن ٺاهڻ لاءِ عيسوي ويهين صديءَ جي شروع ۾ جيڪا ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽي 'پونا' ۾ مقرر ٿي هئي، تنهن جي فرمائش موجب ٻاراڻي ڪتب کان ٿئين تائين جيڪي نظم مون تيار ڪري ڏنا هئا ۽ ڪميٽي منظور ڪري ڪتابن ۾ شايع ڪيا هئا سي ٻه هن هيٺ درج ڪريان ٿو.

## (٨) مثنوي ڏڻي تعاليٰ جي صفت ( ٻارڙن ڪتاب )

ڏڻي سڳورو ياد ڪجي
تنهن کي پنهنجي دل ڏجي

لهي سين جي سو تو سار
پالي جڳ کو پنهنجا پار

مرون ۽ ماڻهو سونئي سنڀالي
ساري جڳ کي اهوئي پالي

سڀني جو سو سائين آهي
ڏک سڀني جا سو تو لاهي

ساري خلقت الهيءَ اپائي
سڀني سان تو ڪري ڀلائي

اهڙو آهي سهاجهو سائين
ڪجي تنهن کي ياد سدائين

سڀئي وڏائي ان جي ڳايون
دلوي پنهنجي ان سان لايون

## (٩) مثنوي رنگن بابت (ٻارڙن ڪتاب)

چوکر توکي رنگ ڏيکاريان
رنگ سڃاڻ توکي سيکاريان

ڏس هن رنگ جو نالو ڇا آهي؟
رنگ اهو تان ڳاڙهو آهي

گاڙهي رنگ جي صورت اهڙي
ڇهنب ڇتونءَ جي آهي جهڙي

پيو جو هيءُ ٻون رنگ ڏسين ٿو
زرد و جهـڙو هـميشه پسين ٿـو

تنهن جـو نالـو آهـي پيلو
لـمـون هـي آسماني يـا نيلو

نير ۽ آب جو رنگ اهـو ٿيو
نالو تنهن تـي تڏهن اهـو پيو

اصلي رنگ اهي ٽيا ليکي
جڙن انهن مان ٻيا سڀئي

## (١٠)مثنوي- ٻارن لاءِ نصيحت (ٻاراڻو ڪتاب)

ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃجي
سـدا ادب ۾ تن جي رهـجي

نت استـاد کـي سـان ڏجي
جيئن هـو چـوي تيئن ڪجي

ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان رکجي پيار
تن سان ڪونـه ڪجي تڪرار

سوير سمهجي سوير اٿجي
اول ڌڻيءَ جو نالو ڳنهجي

ڪوڙ نه چئجي ڏجي نه گار
شيءِ نه چورائجي ٿجي نه خوار

هن نصيحت تي جو ٿي هلندو
مائٽ مٽ کي سو ٿي وڻندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## (١١) مثنوي- وڏو ڏينهن (ٻهريون ڪتاب)

ٿي نو وڏو ڏينهن ڪوئي جڏهن
ٿين بند اسڪول ٿا سڀ تڏهن

اهي جي ڏهاري ٿي عيد ڪا
نه ڏاڍا اسان لئي، ٿين ٿا مزا

رهون راند ۽ دل کي خوش ٿا ڪريون
نوان وهنجي ٿا ٻوه ڪپڙا ڪريون

خوشيءَ ۾ سڄو ڏينهن رهون ٿا لڳا
ملهايون وڏو ڏينهن اِن ريت ٿا

## (١٢) مثنوي:- ڌڻي سڳوري جي صفت (ٻهريون ڪتاب)

ڌڻيءَ جا اسين ڪيت ڳايون سدا
اکيان ان جي ٻڌي سر نمايون سدا

اُپايو جنهن آهه سارو جهان
ڪيو آهه پيدا زمين آسمان

پکي، جيت ماڻهو سڀ بي شمار
سج ۽ چنڊ تارا هزارين هزار

هوا، باهه، پاڻي ضروري شيون
اُپايون انس جي ملڻ بي ملهيون

وڏائي سندس جا وڏا ٿيا بيان
نه طاقت رکي ٿي اسان جي زبان

اسان کي ڌڻي شال سکهه سو ڏئي
ڪريون ياد ڪيري سندس تان گهڻي

## (١٣) مثنوي:- ٻلي ۽ ڪُڪڙي (پهريون ڪتاب)

اچو آسوءَ جو مهينو آهو
لاباري جو آهي سمو
اهو ٻڌي ۽ ڏسون ٻلي
واهه، ٻڌي ته آهه ڀلي
سنگ سڀئي ڪئن نه لڏن ٿا
پکي انهن تي لهن ڪڏن ٿا
ڏسو ته ڪُڪڙي ڪئن اچي ٿو
خوشيءَ منجهان سو ڪئن لڇي ٿو

هٿ سندس ۾ ڏاٽو آهي
سنگ تنهن سان ڪئن ٿو لاهي!
ڏسو نه، ڏاٽو ڪئن نه هڻي ٿو
سنگ لڻي پوءِ ڪئن نه ڪڍي ٿو

جهول جڏهن هو پنهنجي ڀري ٿو
گڏ تڏهن سڀ سنگ ڪري ٿو
هڪڙو هڪڙو سنگ وڍي ٿو
هاڻي تن مان اَن ڪڍي ٿو
اَن ڏسي خوش ڏاڍو ٿئي ٿو
لک لک ٿورا رب جا مڃي ٿو
ساراهي ٿو سندس وڏائي
چوي ٿو ڏني ٿو ڪئي ڀلائي

## (١٤) مثنوي:- برسات (پهريون ڪتاب)

واهه لڳي ٿو جهڙ ٿئي ٿو
مينهن به ٽڪڙو هاڻ پوي ٿو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻڪي ڀڄو گهر پنهنجي وڃن ٿا
آڪيرن ۾ ڪٿن نــه لڪن ٿا!
ته پــريا سينهن ڏٺي وسائي
ڪيئــن ۾ ٻائــي تــو رسائــي
ان ســالڪو هالــي ٿيـنــدو
ٽورا ڏٺيءَ جــا سيڪو مچيندو
گاهه نــڪرنـــدا گل ڦل ٿيندا
ٻڪي به خوش ٿي ٽپڪيون ڏيندا
ڳائيون مينهون ٿينديون متاريون
کير گهڻيــرو ڏينديون پياريون
ڏڏ مڪــڻ ۽ کيهــ گهڻو ٿي
پــاڃــي ٻــور آن ميــوئي
گڏ جــي ڏٺيءَ جا ٽورا کاهو
مينهن پاســو جنهن آهــ وسايو

## (١٥) مثنوي:- وڻ جا ڳڻ ( پهريون ڪتاب )

ڏسو ته وڻ ڪئين ڪري ڀلائي
ان مان سڀ ڪي رسي ڇڱائي
ســوي آهن ۽ ٻــال صدائين
چانءِ ڏين ڪان ڪري نه ڪائين

ٿاريون ان جون سدا نمن ٿيون
هٿ وڌائي ڪين رکــن ٿيون
ڏڪ هلو تــان ٻور ڏئــي ٿو
ميوو پٽ تــي ڇڻي پوي ٿو
ڪرڻ نه گهرجي ڪنهن کي وڏائي
ڪجي ٻــرن مان ڀال ڀلائي–

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## (١٢) مثنوي رنگن جي ملاوت (پهريون ڪتاب)

رنگ اصل ڇهون ڪاڙهو پيلو
رنگ ٽئين جو نالو نيلو
ڪاڙهي ۾ جي پيلو پوندو
رنگ نارنگي تنهن مان ٿيندو

ڪاڙهي ۾ جي نيرو گڏبو
رنگ واڱڻائي سو سڏبو
نيري ۾ جي پيلو وجهبو
سائو رنگ انهيءَ کي چئبو

ڪئين نه ملائي رنگ ڪڍياسين
تن رنگن مان پيا ٿي ڪياسين

## (١٧) مثنوي چار مندون ( ٻيو ڪتاب )

ٻارو اچي سڻو هڪ ساڳ
ڳايون چئن مندن جو راڳ
هڪڙي تن مان آهي بهار
هيءَ مند آهي واه جا ٻارا

وڻ ٽڻ ڏسجن ٿا سڀ سهڻا
باغ لڳن ٿا من کي مٺا
گل ڦل باغن منجهه ٽڙن
پکي ٻه مٺڙيون ٻوليون ڪن

وڃي بهار ته اچي اونهارو
ڏول انهيءَ جو آهي نيارو
گرميون ان ۾ ٿين مدام
ٻائي ٻن جهڙهن ٿا جام

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن ۾ ڀوي ٿي ڀڻ برسات
ٻوڪ جي وائي سڀ کي وات

ڀوءِ مرءِ ٿي اڀي وري
هوا-لڳي ٿي ڪهڙي

هن رت ۾ ٿا ٿائي ڇڇڻ
ڀڻ وڻن جا ڇڻيو ڀون

دل کي وڻندڙ ٿاهه هوا
ٿئي تپت ٿي جباهه بجاهه

ٿيو مرءِ جو ڀورو وارو
آيو تنهن تان وري سارو

هوا اتر جي ڪري سوسات
ميءَ ۾ ٿريو ڀون گهر گهات

ميءَ ڀوڻ سان ڪري ڀڄائي
وڃي ٿو کهتجيو هر هنڌ ٿائي

چڻن منڊن ۾ ڀورو سال
ورهيو ٿئي ٿو ساڳيو حال

## (١٨) مثنوي اورچائي ( ٻيو ڪتاب )

ڪن عجب آهي اورچائي سند و
آدمي جيڪو اورچائي ڪند و

من گهرياءِ مطلب انهيءَ ٿيندا نصيب
هن اورچائيءَ جو قل آهي عجيب

نوري نوري ڪم سنجهان ٿيندو گهڻو
جنن تو ٻنجي ٿو ڏکي هڪ هڪ ڪڻو

جيترن ۾ ڀڻ اورچائي ڏسو
تا ذري مان ڪيو وجهن ڪهڙو قصو

ڏس اورچائيءَ ۾ ماکوڙين جو حال
هڪڙي ماکوڙيءَ سندو ٻڌ جو مثال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏکڙو واريءَ جو ڏڙو ڪٽ هو ٻيو
تنهن کي نيڏڙيءَ ڪڻلي ٻي ني ٻوهيو

تنهن ني ڪنهن ماڻهوءَ ڇيس ڪڻلي غريب
ڇو ٿئي تون هيءَ ڪرين ٻورهيو عجيب

ڇيائين مون کي دل ڪهڙي سنگنيءَ ڇهو
تنهن ڇون ني هيءَ اٿم ٻورهيو ڪيو

تنهن ني ماڻهوءَ کي لکيو ڏاڍو عجب
ڇيائين اي ڪڻلي مڃ ڏون هي سبب

وات ۾ تون ني ڪئين ٽورڙو ڏرو
ڪيئن ڪٽائيندينءَ ڀلا هيڏو ڏڙو

تنهن ني ان ڪڻلي ڇيس هيءَ ڳالهه سچ
مون ۾ تان آهي اورهائيءَ جو ڳڻ

ڪم ڪري ڪان ٿيندس ڪڪ سور ڪين
جي ميس ته ٻه مون کي چوندا آفرين!

## (۱۹) مثنوي صبح (ٻيو ڪتاب)

صبح جي چڱي مهل آهي گهڻي
رکي خاصيت ان ۾ خاصي ڏڻي

اول تارو نڪري وهائو جڏهن
ٻرهه ٻاسي اوڀر ڦٽي تي تڏهن

ٽيو تارا هڪڙي پٺيان ڪم وڃن
اشانيون صبح جون ٿيون ظاهر ٿين

ٻکي تا انئي ڪن مٺيون ٻوليون
وڻن تن جون دل کي ٻيون لوليون

لڳي هير ان وقت تي دل پسند
ٿئي ڪين تي سا صبح تائين بند

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ دنر چڱو ٿيو ولي آسمان
لڳن دل کي خوش باغ وڻ ٽڻ مڪان

سڄي رات آرام سان ٿا سمهون
صبح جو چڱا چاق ٿي ٿا اٿون

اٿي ٿورا مڃجن ڌڻيءَ جا هزار
اسان جي سڄي رات جنهن ڪئي سنڀال

وڃي ٿوءِ پنهنجي ڪجي ڪم ڪار
صبح ۾ اها ڳالهه رکه دل تي بار

## (٨١) مثنوي - هرڻي ۽ سردار

### (ٻيو ڪتاب)

ٻڌو هيءَ ڳالهه هڪ هرڻيءَ جي ٻارو
ڪريان هت رحم جو ٿو ذڪر سارو

نه غزني شهر جو هو هڪڙو سردار
ويو جهنگل ڏي ٿي گهوڙي تي هسوار

گهڻو ان جهنگ ۾ گهوڙو هلايو
مگر هٿ ڪو شڪار ان کي نه آيو

ڏٺو آن نيٺ هڪ هرڻيءَ جو ٻچڙو
پٺيان ان جي ڇڏيائين گهوڙو تڪڙو

ٻچو ڊوڙي ٿڪي آخر ٿڪجي پيو
ڪٺي سردار سو گهوڙي مٿي ڪيو

جڏهن ٻچڙو ڪٺي موٽيو ٿي سردار
تڏهن هرڻي ٻه ڊوڙي آئي هيڪار

ٿلي هرڻي سرڻ کان ڪين ساٿي
ڪندي دانهون پٺيان گهوڙي جي آئي

ڏسي هرڻي تنهن کي ڀڪل ڀئي
ڪڍي لاهي ڇڏيائين ڀڄڻ اٿئي
وٺي ڀڄڻي کي هرڻي ڇهنگ ويئي
پڏو سردار گهوڙو گهر ۾ ليئي

جڏهن ٿي رات آئي ننڊ سردار
تڏهن سپني ۾ ٻڌيس آواز هن ٻار
”تو توکي ٻاجهه هن هرڻيءَ تي آئي
انهيءَ عيوض ۾ ملندهه بادشاهي“
ڏٺيءَ ان تي وري اهڙو ڪرم ڪيو
جو اهو سردار جلدئي بادشاهه ٿيو

## (١٩) مثنوي سچ ڳالهاءِ
### (نيون ڪتاب)

جڏهن ڳالهه ڪهڙي ۽ ڪنهن سان ڪجي
خدا جو رکي خوف سچ چئي ڏجي
سدائين اوهين وات سچ جي هلو
اٿوَ سچ چوڻ ۾ بلاشڪ ڀلو

عقل ۽ اڪابر جي آهيو اوهين
نه ڏيو ڪوڙ کي جاهه جيءَ ۾ توهين
نه هرگز ڪڏهن ڪوڙ کي سان سچ
جڳائي ملائڻ نه ماڻڪ سان ڪچ

اٿوَ ڪوڙ ڪاغذ جي ٻيڙيءَ مثل
نه جا بار کڻندي نه سهندي اڇل
نيو ڪوڙ ڪنهن جو جي ٻڏرو ادا
نه ڪوڙو ڀلو ليکيو او سدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سچيون پوءِ ٻه ڪهڙيون ڳالهيون ڪري
نه ٻي ڪو چوندس ٻڌي ٻي
ملو ٿو لڳي تـوڙي ظاهر ۾ ڪوڙ
حقيقت ڪري ڏوڙ جـي آهـ ڏوڙ
لڳي سچ چوڻ ٿـو ڏکيو ٻـڻ اول
مگر ان جـو آخـر عجب آهـ ڦل
سدائين ٿـو سرهـو گـذاري سچـار
سدا آهـ ڪوڙو خراب ۽ خـوار
ڪري ٻاجهه پنهنجي سچي تـي ڌڻـي
ملي آبرو ٻـڻ سچي کـي گهڻـي

## (٢٠) مثنوي ٻين سان ڀلائي ڪر
## (ٽيون ڪتاب)

ڪرڻ آهـ بهتر ٻين سـان ڀلائي
چڱي ڳالهه اهڙي نه ٻي آهه ڪائي
سڀئي مال دنيا جا هت تون ڇڏيندين
ادا! جڳ سان نيڪي رکي ساڻ نيندين
مٽي مانٽي توکي جت ڪم نه ايندي
ڀلائـي اتـي تنهنجو آڌار ٿيـنـدي
ٻچاڙي چڱي جي ٿيڻ پنهنجي چاهين
نه ڪر ٻيلائيءَ ۾ نيڪي سدائين
دل ۽ جان سان ڪر ادا تون ڀلائي
نه تحقيق ٿئي عمر تنهنجي سجائي
ڏئي جو ٻر سان جي ڏئي توکي سايا
نه ڪر تون غريبن يتيمن تي چايا

ٻکين جون ٻکون لاهه ڊُو ڏيار نون نن
ڊڪائج اگهاڙا نه توکي دعا ڪن

ڏسين تون ڪٽي وات تي جي اڪيلو
ادا تون وجهي ان کي ڏيکار رستو

جڏهن ڪو به توني پلائي ڪري تو
تڏهن توکي آرام ڪيڏو اچي تو
تڏهن ٻين کي ٻڻ خوشي ڇو نه ٿيندي
پلائي جي سائن ڪرڻ ۾ ڪا ايندي

گهرين جيئن تو توسان ڪري ڪو پلائي
ڪرڻ گهرجي تيئن توکي ٻئي سان ڀلائي

پلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو
پلائي جا ٻارا ڏئي توکي ڏيندو

## (۲۱) مثنوي:- ڏيان سان ڪم ڪرڻ (نيون ڪتاب)

ڪم جي وقت ڏيان ڪم ۾ ڏريو
راند جي وقت راند روند ڪريو

ان طرح سان جو ڪندو پيو ڪم
خوش گذاريندو سو ادا هردم

ڪم ڪرڻو هجي سمورو ڪجي
مور اڌ ۾ ڇڏي نه تنهن کي ڏجي

جو اڌو ڪابرو ٿئي تو ڪم
فائدو ناهه ان ۾ ڪو هردم

وقت هڪڙي ۾ ڪم به هڪڙو ڪريو
خيال دل جو سمورو ان ۾ ڏريو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سالڪو ساهي جي نينڊ و ستورو ڪالهي
نه ٻه پلاڻي اٿيءَ ۽ نينڊي ڪهلي
ڪم ڪرڻ جي اهائي ريت عجيب
فتح سڀ ڪم ۾ اٿين ٿئي ٿي نصيب

وقت ضايع ڪيو اجايو جنهن
لڌ ڇيهو وڏو پرايو تنهن
خوش گذارڻ گهرين سدائين جي
ياد هي بيت تون رکج دل تي

”ڪم جي وقت ڌيان ڪم ۾ ڏ ريو
راند جي وقت راند روند ڪريو“

## (٣٢) مثنوي — خود ياوري
### (نئون ڪتاب)

جيڪو پنهنجي مدد ڪري ٿو پاڻ
ٿو ڌڻي پڻ مدد ڪري ان سان
ڪوبه جڏهن شروع ڪجي ڪم ڪار
ڪري همت منجهانس پنهنجي پار
سکيا ساري ڏني ڏني جيڪا
ڪم پنهنجي ۾ لائجي سڀ سا
شخص سچ پچ اهو ئي ڄاڻ سڄاڻ
هو ڪڏي ڪم ۾ ڪين ڪنهنجي ڪاڻ
جنهن جي همت سان آهه دل پرپور
ڪم ڪرڻ کان اهو نه رهندو مور
پيش جڏهن اچي ڪو مشڪل ڪم
مڙس ئي تنهن کي لڳ ادا هڪدم

جو نه پنهنجي مدد ڪري تنهن سان
ڪير ڪندو مدد اچي آن سان

پيو جوڙي جي ڳالهه ڪئي ڪن
نامور سورهيه ڌا جنهن ڪي چون

ڪاڏي ڪنهن شخص جي ڳتي ڪپ ۾
واڙو ڦسي پيو رهيو ڏپ ۾

پيو جوڙي ڪي ات ڪيائين پڪار
”ڪر مدد مون سان آءٌ اچي هڪ وار

پيو جوڙو اچي ڏٺو نروار
چيائين انکي ته ”ڪهڙي تنهنجي ڪار“؟

”چو نه پنهنجو ڪلهو آئين ڪر“؟
ڪاڏي تنهنجي ڇٽي پوي هڪدم“.

”ڪئن ڪبي ڪا مدد وري آن سان
جو نه پنهنجي مدد ڪري تنهن سان

پوءِ همت جڏهن ڪيئين پنهنجي
تيس ڪاڏي ڪيڻ تڏهن سنهنجي

ڏس پنهنجي همت سنده ڪم ڪار
ڏسي ادا مڙس پنهنجو پوڙهو پار

## (٢٣) مثنوي: چڱن جي سنگت

## (نيون ڪتاب)

چڱن جي سنگت ۾ گذارج سدا
جو صحبت جو ٿئي ٿو اثر اي ادا

چڱن جي سنگت ۾ وڏي مال شان
چڱن جي سنگت آهي پارس سمان

ڇڱن جي سنگت مان ملي ماٺپو
ڇڱين عادتن جو به رستو اهو
سنگت بد سندو آهه بڇڙوئي ڦل
رهج تون انهيءَ کان سدائين ڇٽل

سنگت آهه بڇڙيءَ کي هر هنڌ ڌڪار
رهي تو ڪنهنکي خراب ۽ خوار

## (٢٤) مثنوي سهڻائي ۽ ڪوجهائي
### (ڪتاب حياتي جو ڏوڙ)

رنگ ڪارو ڇوڪري هڪڙي جو هو
رنگ گورو هو مگر پاڙس سندو

هئي ڇڻا ها پاڻ ۾ رانديون ڪندا
هئي عداوت ڪاڻ نن ۾ ڪانهه ڪا

ڏينهن هڪڙي ڪا ڏناڏون آرسي
پنهنجي گهر مان ها ڪنيائون آرسي

پنهنجي پنهنجي ان ۾ صورت تن ڏٺي
پاڻ صورت پين جي ڪلندي ملي

پاڻ کي ڪلندو ڏٺو تي پين جڏهن
شرم ۽ ڏک تنهنکي دل ۾ ٿيو تي تڏهن

روئي آئي ماءُ پنهنجي وٽ اها
هئن لڳو ڏک مان ڇوڻ مائس کي سا

”تون ادا کي ڇو اسان جيجل! هينئر
تان ڏسي نا آرسي هو ڪنهن به ور“

ماهه ان جي جا هئي بلڪل هوشيار
لوڪڏيهه جا سڀ اکين ڪيائنس پيار

هٿ رکي ڳلن تي ماهه ان کي چيو
”ڪير تو جهڙي صورت کي پرو؟“

”آهه صورت سهڻي هيءَ اي سهڻي ماڻ!
ڪجهه نه ڪر دل پنهنجي ۾ ڏک جو نشان“

”جي نه ڪو توکي اهڙو ٿي خيال
جي اٿئي ڪو پهاڙيءَ جو دل ٿي ملال“

”تان سدائين پيئي ڪر ڏيهه نيڪ ڪم
ٻن جهان ۾ رهي تنهنجو شرم“

”جي نٿي صورت سٺي ڪهڙو شرم
رک لچڻ سهڻا نه گذري سهٺو دم“

۽ وري ڪوٺي چيو ڇوڪر کي ماهه
”ڪر نه بابا! پنهنجي صورت تي آناهه“

”پيءُ جي صورت تي ڪل تو ڇو ڪئي؟
ڪهڙي پڇائي نظر تنهنجي پئي؟“

”چند جهڙي تنهنجي صورت آهه جا
جهڙي عادت جي ڪري ڪم جي نه سا“

”شڪل ڪنهن جي هوءِ جي سچ پچ بري
ان جي چئو ڪهڙي آهي ۾ چوڪ ٿي؟“

”۽ ڏني جنهن کي سٺي صورت خدا
هٿ ڪرڻ جو ان کي حق ڪهڙو ابا؟“

”شڪل پنهنجي پنهنجي هٿ ساڻاهي ڪو
فخر صورت تي ڪري بيشڪ آهو“

”ڪر سدا ڪپڙا ڇڳا اي منھنجا چنڊ
ناڻ لڳن صورت سنڌ کي چار چنڊ“

سھڻي صورت سان لڄ سھڻا سنھن
ڪر ”مسافر“ جي ابا! اي‎ء ڳالھ ڪن

## (٣٥) ڏڻيء در سوال
## (ڪتاب حياتي جو ڏؤر)

اي سچا الله سڀ جڳ جا ڌڻي
تون عبادت جوڳ سگھ توکي گھڻي
ڏينھن گذرڻو رات پيئي خير سان
جوڙ جڳ سھڻو سنڌ قدرت ھٿان

ٿي سڀئي خلقت ھيٺ آرام سان
ٿيو سچو آرام تنھنجي نام سان
عاجزيء سان تو اڳيان آئي ھٿ ٻڌان
ڪو ھيٺ ڏسنڌڙ لاء مون کي تو ٻنان

ڪرم خلقت تنھنجي ني بي خبر
ٿي سنڌ دربار جا ڪليل ٿيا در
يا خدا داتاء ٿيڻا پاڪ ذات
سڀ جي سمجھين ۽ قبولين تون ٿي بات

حاڪمن سڀني جا حاڪم رب عظيم!
سڀ امان جا ڏوھ بخشين يا ڪريم!
دين دنيا جي عطا ڪر بھتري
بي لاء تنھنجي ٻاجھ ري ڪانئي ڪري

تو ٻنان تو ڪان آجھو اوٽ ۽ ٻچا
رب رازق مھر ور مالڪ سچا

ڏين اڳهين ڪي تون مڪهائي سان ڪرم
پهچ بي ٻهچن ڪر لڄ ڪهورن ڀرم

بخش ڏِن اولاد جـي ٿڪندڙ سدا
ڪر تون هر محتاج جـي حاجت روا

عرض احسانئون "مسافر" جو اڳهاه
راهه، پنهنجي قرب جـي قادرا ملاهه.

آمين! ثم آمين!!

تمت بالخير

مدينه پرنٽنگ پريس، رسالا روڊ، حيدرآباد (پاڪ) ۾ ڇپيو.
(فون نمبر - ۲۴۷۴)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu